روزاني سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) سومر پهرين جنوري 2024ع بمطابق 18 جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 216

# عام چونڊون: نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ وارن فيصلن تي اپيلون اڄ کان داخل ٿينديون

ريٽرننگ آفيسرن جي فيصلن تي اپيلن جو عمل اڄ کان 3 جنوري تائين جاري رهندو، اپيلن تي چونڊ ٽربيونل 10 جنوري تائين فيصلو ڪندا

اميدوار پنهنجا نامزدگي ڪاغذ 12 جنوري تائين واپس وٺي سگهندا، اميدوارن کي چونڊ نشان 13 جنوري تي ڏنا ويندا جڏهن ته عام چونڊون 8 فيبروري تي ٿينديون

ملڪ جي مختلف ضلعن ۾ ريٽرننگ آفيسرن طرفان نامزدگي ڪاغذن جي جانچ پڙتال جو عمل مڪمل ڪرڻ کان پوءِ اميدوارن جون فهرستون جاري ڪيون ويون

اهڙين فهرستن ۾ نامزدگي ڪاغذ رد ٿيلن ۾ ملڪ جون ڪيترين ئي وڏيون سياسي شخصيتون به شامل هيون

اسلام آباد (م ڊ) عام چونڊن جي لاءِ اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ جي فيصلن خلاف اليڪشن ٽربيونلز ۾ اڄ کان اپيلون داخل ڪيون وينديون. سڄي ملڪ ۾ عام چونڊن جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرڻ، منظور يا رد ٿيڻ جو مرحلو مڪمل ٿي ويو آهي. ريٽرننگ آفيسرن جي فيصلن تي اپيلن جو عمل اڄ کان 3 جنوري تائين جاري رهندو. اپيلن تي چونڊ ٽربيونل 10 جنوري تائين فيصلو ڪندا جڏهن ته اميدوار پنهنجا نامزدگي ڪاغذ 12 جنوري تائين واپس وٺي سگهندا. اميدوارن کي چونڊ نشان 13 جنوري تي ڏنا ويندا جڏهن ته عام چونڊون 8 فيبروري تي ٿينديون. ملڪ جي مختلف ضلعن ۾ ريٽرننگ آفيسرن طرفان نامزدگي ڪاغذن جي جانچ پڙتال جو عمل مڪمل ڪرڻ کان پوءِ اميدوارن جون فهرستون جاري ڪيون ويون. اهڙين فهرستن ۾ نامزدگي ڪاغذ رد ٿيلن ۾ ملڪ جون ڪيترين ئي وڏيون سياسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير نيشنل ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

# ايف بي آر سنڌ جي صنعتي ادارن کان 22 ارب رپيا اوڳاڙي چڪي آهي: مقبول باقر

رقم جي اوڳاڙي جو معاملو وزيراعظم آڏو رکيو ته ڪين اها رقم جلد رليز ڪئي وڃي، هن رقم کي مزدورن جي ڀلائي لاءِ خرچ ڪيو ويندو

سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر جي صدارت هيٺ سنڌ روينيو بورڊ جو اجلاس ٿيو، اجلاس ۾ ايس آر بي چيئرمين واصف ميمڻ بريفنگ ڏني

گذريل سال ايس بي آر 5 ڏهائي 4 ارب رپين جي اوڳاڙي ڪئي هئي، گذريل سال سنڌ روينيو بورڊ 296 صنعتي ادارن کان اوڳاڙي ڪئي : وڏي وزير کي بريفنگ

هن سال 527 صنعتي ادارن کان اوڳاڙي ڪئي آهي جيڪا 58 سيڪڙو جي اضافي شرح کي ظاهر ڪري ٿي، ورڪرز ويلفيئر فنڊ جي مد ۾ ايس بي آر 40 ارب رپين جي اوڳاڙي لاءِ 267 شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا آهن

40 ارب جي اوڳاڙي خلاف صنعتي ادارن سنڌ هائيڪورٽ جي ناظر وٽ 6 ڏهائي هڪ ارب رپيا جمع ڪرايا، 80 ادارن سان بينڪ ذريعي اوڳاڙي جي اسيسمينٽ آرڊر پاس ڪيو ويو آهي

هلندڙ سال جي پهرين 6 مهينن ۾ 6 ڏهائي 3 ارب جو هدف مقرر ڪيو ويو هو، جڏهن ته 6 مهينن دوران ايس آر بي 6 ڏهائي 3 ارب رپين جي پيٽ ۾ 7 ڏهائي 652 ارب رپيا اوڳاڙي ڪيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر چيو آهي ته ايف بي آر سنڌ جي صنعتي ادارن کان 22 ارب رپيا اوڳاڙي چڪي آهي، هن رقم جي اوڳاڙي جو معاملو وزيراعظم آڏو رکيو ته ڪين اها رقم جلد رليز ڪئي وڃي، هن رقم کي مزدورن جي ڀلائي لاءِ خرچ ڪيو ويندو. سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر جي صدارت هيٺ سنڌ روينيو بورڊ جو اجلاس ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: نگران وڏو وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر سنڌ روينيو بورڊ جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

# توشه خانه تحفن جي قيمت بابت نيب جي جاچ رپورٽ ۾ اهم انڪشاف سامهون اچي ويا

دبئي مان تحفن جي قيمت لڳرائڻ تي خبر پئي ته پاڪستان ۾ تحفن جي قيمت گهٽ لڳائي ناٽي کي 1 ارب 57 ڪروڙ 37 لک رپين جو نقصان پهچايو ويو

3 ارب 16 ڪروڙ جي تحفن جي قيمت پاڪستان ۾ هڪ ڪروڙ 80 لک لڳائي وئي اڌ رقم يعني 90 لک ادا ڪري تحفا بي ٽي آءِ باني ۽ بشريٰ بي بي پاڻ وٽ رکي ڇڏيا

تحفن جي صحيح قيمت جانچ ڪرڻ جو نظام پاڪستان ۾ موجود ئي نه آهي، پاڪستان ۾ ڪو به ادارو سعودي شهزادي کان مليل جيولري سيٽ جي قيمت نه لڳائي سگهيو

اسلام آباد (م ڊ) سعودي ولي عهد کان بي ٽي آءِ باني ۽ بشريٰ بي بي کي مليندڙ تحفن جي قيمت بابت نيب جي جاچ رپورٽ سامهون اچي وئي آهي. نيب طرفان جاري ڪيل رپورٽ موجب دبئي مان تحفن جي قيمت لڳرائڻ تي خبر پئي ته پاڪستان ۾ تحفن جي قيمت گهٽ لڳائي ناٽي کي 1 ارب 57 ڪروڙ 37 لک رپين جو نقصان پهچايو ويو رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته 3 ارب 16 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

# سال 2023 پاڪستانين لاءِ مهانگو ترين سال ثابت: مهانگائي جي شرح 42.6 سيڪڙو تي پهچي وئي

هلندڙ سال 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 1517 رپين مان وڌي 2 هزار 787 رپين جو ٿي ويو

هلندڙ سال کير جي في ليٽر قيمت 1445 رپين مان وڌي 185 تي وئي ۽ ڏهي 168 مان وڌي 215 روپيه في ڪلو ٿي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستانين جي لاءِ معاشي طور تي سال 2023 مهانگو ترين سال ثابت ٿيو جنهن دوران مهانگائي جي شرح ۾ 13 سيڪڙو اضافو ٿيو ۽ سال جي اختتام تي مهانگائي جي شرح 42.6 سيڪڙو تي پهچي وئي، هلندڙ سال 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

# گڊو پاور هائوس ۾ فني خرابي سبب باهه لڳي وئي، پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ بجلي معطل

500 ڪي وي جي هاءِ ٽرانسميشن لائين ۾ ڌماڪو ٿيو هو، فني خرابي ڪوهيڙي سبب پيش آئي

باهه تي ڪنٽرول ڪيو ويو آهي پر باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ 500 ڪي وي جون 3 لائنون ٽرپ ڪري ويون آهن : اختياريون

لاڙڪاڻو، سکر، جعفرآباد، نصيرآباد، اوستا محمد، صحبت پور، بولان، سبي، ڏي جي خان، راجن پور ۽ رحيم يار خان ۾ بجلي معطل آهي

ڪشمور (رپورٽر) گڊو ٿرمل پاور هاءِ ٽرانسميشن سوئچ يارڊ ۾ فني خرابي سبب باهه لڳي وئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ بجلي معطل ٿي وئي آهي گڊو ٿرمل پاور هائوس جي اختيارين چيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

# نوازشريف تي جنهن جو به هٿ هجي وزيراعظم بڻجڻ نه ڏينداسين: منظور وسان

مولانا فضل الرحمان جي خواهش آهي ته چونڊون ملتوي ٿين

جيڪڏهن هن صورتحال ۾ عام چونڊون ملتوي ٿيون ته اهي ڏگهي وقت جي لاءِ هونديون

اسان انشاءَالله بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم بڻائينداسين : صحافين سان ڳالهيون

خيرپور (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ منظور وسان جا اين اي 202 خيرپور تان نامزدگي ڪاغذ منظور ٿي ويا آهن. صحافين سان ڳالهيون ڪندي منظور وسان چيو آهي ته مولانا فضل الرحمان جي خواهش آهي ته چونڊون ملتوي ٿين، جيڪڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پيپلز پارٽي اڳواڻ منظور وسان (فائيل فوٽو)

# سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ ڪوهيڙي جو راڄ، ٿڌ ۾ به غير معمولي اضافو

ڪوهيڙي سبب زندگي جو ڪاروهنوار سخت متاثر رهيو

اڪثر علائقن ۾ ڪوهيڙي جو راڄ، ٽرئفڪ جي رواني سخت متاثر

ڪراچي (نمائندن وٽان) سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ ڪوهيڙي جو راڄ، ٽرئفڪ جي رواني سخت متاثر، ٿڌ ۾ به غير معمولي اضافو، ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، تنگواڻي، مبارڪپور، ميرپور برڙو ۽ جيڪب آباد ۾ ڪوهيڙي سبب زندگي جو ڪاروهنوار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

# سنڌ رينجرز پاران 2023ع جي ڪارڪردگي رپورٽ جاري

دهشتگردي خلاف ڪارروائي ڪندي مجموعي طور 109 آپريشن ڪيا ويا

ٽارگيٽ ڪلنگ خلاف 19 ڪارروايون ۾ 11 ٽارگيٽ ڪلرز کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) رينجرز ترجمان جو چوڻ آهي ته رينجرز ۽ پوليس گڏيل طور سال 2023ع ۾ دهشتگردي، ٽارگيٽ ڪلنگ، ڀنگ لاءِ اغوا ۽ ڀتا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

# بلوچستان: سيڪيورٽي فورسز جو آواران ۾ آپريشن، 5 دهشتگرد مارجي ويا

دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي سيڪيورٽي فورسز طرفان علائقي ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ويو

آپريشن دوران دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي به تباهه ڪيو ويو جڏهن ته هٿيار، بارود ۽ ڌماڪيدار مواد جو ذخيرو هٿ ڪيو ويو

علائقي ۾ دهشتگردن جي خاتمي لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشن ڪيو پيو وڃي : آءِ ايس پي آر ترجمان

راولپنڊي: سيڪيورٽي فورسز جا اهلڪار آواران ۾ آپريشن دوران بيٺل آهن

راولپنڊي (م ڊ) ڪوئٽه جي ضلعي آواران جي علائقي ماشڪي ۾ سيڪيورٽي فورسز سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 5 دهشتگرد مارجي ويا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

## ڪي پي سي جي چونڊ، عهديدارن کي بلاول جي مبارڪباد

ڪراچي (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ڪراچي پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

# ٽيڪس ادا نه ڪندڙن خلاف گهيرو تنگ ڪرڻ جو فيصلو

81 لک 95 هزار کان وڌيڪ غير رجسٽرڊ ماڻهن کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن : ترجمان

ٽيڪس سال 2022 لاءِ 24 لک 98 هزار 419 غير رجسٽرڊ ماڻهن کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) (آ ايم ايف) جي شرطن موجب وڌيڪ ماڻهن کي ٽيڪس نيٽ ۾ آڻڻ لاءِ غير رجسٽرڊ ٽيڪس ادا نه ڪندڙن جي بجلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

# منهنجي ڪاميابي کي ڏسي نااهل قرار ڏنو ويو آهي: شيخ رشيد

سياڻي کان هينئر تائين منهنجي پوري ڪوشش هوندي ته مون کي فيصلي جي ڪاپي ڏني وڃي

ڪنهن ريسٽ هائوس ۾ رهڻ جي آڌار تي 942 روپيه ادا نه ڪيا جنهن تي مون کي نااهل قرار ڏنو ويو آهي

50 سالن ۾ ڪو به ثابت ڪري ته مان ڪنهن ريسٽ هائوس ۾ رهيو آهيان ته مان سياست تان هٿ کڻڻ جي لاءِ تيار آهيان

راولپنڊي (م ڊ) اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي ته منهنجي ڪاميابي کي ڏسي مون کي نااهل قرار ڏنو ويو آهي پر مان پنهنجو حق نه ڇڏيندس. نامزدگي ڪاغذن جي رد ٿيڻ تي جاري ڪيل وڊيو بيان ۾ شيخ رشيد احمد چيو آهي ته سياڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

راولپنڊي: اڳوڻو گهرو وزير شيخ رشيد احمد وڊيو بيان ڏئي رهيو آهي

## بابا وانگا جون 2024 بابت حيران ڪندڙ اڳڪٿيون، ڊونلڊ ٽرمپ 2024ع ۾ پراسرار بيماري ۾ مبتلا

ڪراچي (م ڊ) بابا وانگا بلغاريا جي هڪ پراسرار شخصيت هئي جنهن جو موت 1996 ۾ ٿيو هو هن ٻوڙي عورت کي گهڻا ماڻهو روحاني عورت سمجهندا هئا ڇو ته پنهنجي موت کان اڳ هن ڪيترين ئي اهم اڳڪٿيون هيون. عورت جي لاڏاڻي کي ڪيترائي سال گذري چڪا آهن پر هن وقت تائين سندس اڳڪٿيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

# پارلياماني بورڊ جا انٽرويو مڪمل ٿي ويا: مريم اورنگزيب

الحمدلله مسلم ليگ ن هڪ ڀيو جمهوري ۽ چونڊ سنگ ميل ڪاميابي سان عبور ڪيو آهي

2 ڊسمبر 2023ع کان شروع ٿيندڙ پارلياماني بورڊ جي انٽرويوز جو سلسلو اڄ مڪمل ٿي ويو

نوازشريف ۽ شهباز شريف جي صدارت هيٺ پارلياماني بورڊ جي اجلاس ۾ جمهوري عمل جاري آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ مريم اورنگزيب چيو آهي ته الحمدلله مسلم ليگ ن هڪ ڀيو جمهوري ۽ چونڊ سنگ ميل ڪاميابي سان عبور ڪيو آهي پنهنجي هڪ بيان ۾ مريم اورنگزيب چيو آهي ته 2 ڊسمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

لاهور: مسلم ليگ ن جي اڳواڻ مريم اورنگزيب ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

## نئين سال جي موقعي تي هوائي فائرنگ تي پابندي آهي: پوليس چيف

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس چيف خادم حسين رند اشارو ڏنو آهي ته نئين سال جي موقعي تي هوائي فائرنگ ۾ ملوث جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ڳالهه ٻولهه ڪندي هن چيو ته هوائي فائرنگ ۾ ملوث جوابدارن خلاف قتل جي ڪوشش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

# ڪراچي ۾ پوليس واپارين ۽ ڪاروباري طبقي کان ڀتا خوري ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار

ايس ايس پي ڪارادر جي قيادت ۾ پوليس ڇاپو هنيو

ڪاروباري طبقي کان ڀتا خوريءَ ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ ۾ پوليس واپارين ۽ ڪاروباري طبقي کان ڀتا خوري ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو ايس ايس پي ڪارادر جي قيادت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

# اسان غنڊا گردي ۽ بدمعاشي جو خاتمو ڪيو، ٻيهر نه ٿيڻ ڏينداسين: سعيد غني

هي هڪ جڏهن ايم ڪيو ايم، مسلم ليگ جو گڙهه هو، تڏهن به هتان کٽيو هو

تڪ ۾ 5 لک ماڻهو آهن، ڪو هڪ وني چئو جيڪو چئي ته مان ان سان بدتميزي ڪئي هجي

سعيد غني تڪ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ سعيد غني چيو آهي ته اسان گارگند جي سياست جي مذمت ڪيون ٿا. پنهنجي تڪ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته هي هڪ جڏهن ايم ڪيو ايم، مسلم ليگ جو گڙهه هو، تڏهن به هتان کٽيوهو، هن چيو ته تڪ ۾ 5 لک ماڻهو آهن، ڪو هڪ وني چئو جيڪو چئي ته مان ان سان بدتميزي ڪئي هجي، اسان پنهنجي تڪ وارن کي پنهنجي گهر جي فرد جيان سمجهيو آهي، جيڪا بدمعاشي ۽ غنڊا گردي اسان هتي ختم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

# انڊس هاءِ وي تي ڄاڄين جي ڪوسٽر حادثي جو شڪار، 3 ڄڻا فوت، 15 زخمي

نصيرآباد ويجهو انڊس هاءِ وي تي ڄاڄين جي ڪوسٽر حادثي جو شڪار ٿي وئي

حادثي ۾ فوت ٿي ويلن ۾ 24 ورهين جو نجيب علي، 30 رهين جو جاويد علي ۽ 25 ورهين جو محمد شهريار شامل

زخمين ۾ گهوٽ صدورو، ڪنوار بصران، ٻارڙي صائمه، طاهره، اختيار علي، حمير علي ۽ ٻيا شامل، اسپتال داخل

نصيرآباد (رپورٽر) انڊس هاءِ وي تي ڄاڄين جي ڪوسٽر حادثي جو شڪار ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. رپورٽ موجب نصيرآباد ويجهو انڊس هاءِ وي تي ڄاڄين جي ڪوسٽر حادثي جو شڪار ٿي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا جڏهن ته گهوٽ ۽ ڪنوار سميت 15 ڄڻا زخمي ٿي پيا. حادثي ۾ فوت ٿي ويلن ۾ 24 ورهين جو نجيب علي، 30 رهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

# غزه ۾ اسرائيل جا رهائشي علائقن تي حملا، 165 فلسطيني شهيد

اسرائيلي بمباري ۾ حماس جي قبضي ۾ هڪ ڀيو يرغمالي اسرائيلي فوجي به مارجي ويو

اسرائيل غزه جي رهائشي علائقن تي ڊسمبر جي وچ تائين 29 هزار بم ڪيرايا : آمريڪي اخبار

غزه (ويب ڊيسڪ) غزه جي رهائشي علائقن تي اسرائيلي فوج جي جارحاڻي حملن ۾ وڌيڪ 165 فلسطيني شهيد ٿي ويا. شهيدن جو انگ 21 هزار 600 کان وڌي ويو غزه ۾ اسرائيلي بمباري ۾ حماس جي قبضي ۾ هڪ ڀيو يرغمالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

# ڪابه پارٽي پيپلزپارٽي کان سواءِ حڪومت نٿي ناهي سگهي: يوسف رضا گيلاني

ليول پليئنگ فيلڊ سيني جي لاءِ هڪ جهڙي هجڻ گهرجي، صاف، شفاف چونڊون ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جي ذميواري آهي

جڏهن سينيٽ ۾ اقليتن جي ڪابه نمائندگي نه هئي تڏهن بينظير ڀٽو اقليتن کي سيٽون ڏياريون

ڀاڻ ڪي عوام جي سامهون اميدوار جي طور تي آڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ڪارڪردگي جي آڌار تي چونڊون وڙهي رهيا آهيون

ملتان (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته ڪابه پارٽي پيپلز پارٽي کان سواءِ حڪومت نٿي ناهي سگهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پيپلز پارٽي اڳواڻ يوسف رضا گيلاني (فائيل فوٽو)

# ن ليگ، ايم ڪيو ايم جي وچ ۾ 8 سيٽن تي ايڊجسٽمينٽ جا معاملا طئي

لياري جي تڪ اين اي 247 تي ن ليگ جي اميدوار کي ايم ڪيو ايم سپورٽ ڪندي : ذريعا

مليرجي تڪ اين اي 247 ۽ 237 تي مسلم ليگ ن پنهنجو اميدوار ميدان ۾ لاهيندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ مسلم ليگ ن ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان وچ ۾ 8 سيٽن تي ايڊجسٽمينٽ جا معاملا طئي ٿي ويا. ذريعن موجب لياري جي تڪ اين اي 247 تي ن ليگ جي اميدوار کي ايم ڪيو ايم سپورٽ ڪندي، ملير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

# حڪومت آءِ ايم ايف جي هدف کان به وڌيڪ ٽيڪس گڏ ڪري ورتو

جولاءِ کان نومبر دوران ايف بي آر وصوليون 3485 ارب رپيا رهيون

هدف کان وڌيڪ وصوليون آءِ ايم ايف پروگرام لاءِ مددگار ثابت ٿينديون

اسلام آباد (م ڊ) ايف بي آر هدف کان 32 ارب رپيا وڌيڪ ٽيڪس گڏ ڪري ورتو. جڏهن ته هلندڙ مالي سال جي 6 مهينن ۾ وصوليون آءِ ايم ايف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

# موٽرسائيڪل ۽ گاڏي هلائيندڙ هوشيار، ڀرڻ ڏنڊن جي نئين فهرست جاري

سفر دوران ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ گاڏين تي بنا فرق ڳرو ڏنڊ لاڳو ڪرڻ جو فيصلو

نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس طرفان ڏنڊ جي نئين فهرست جاري ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس پهرين جنوري 2024 کان سمورن قومي شاهراهن تي سفر دوران ٽريفڪ انونن جي ڀڃڪڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

# پنجاب ۾ 3 ڄڻا ڊينگي ۾ مبتلا، صحت کاتي جي تصديق

هلندڙ سال صوبي جي 36 ضلعن ۾ ڊينگي جا 15 هزار 185 ڪيس سامهون آيا آهن : صحت کاتو

گذريل ڏينهن لاهور ۾ ڊينگي جا 2 ۽ فيصل آباد ۾ هڪ نوان مريض سامهون آيا آهن

پنجاب جي اسپتالن ۾ هن وقت ڊينگي جا 7 مريض علاج هيٺ آهن

لاهور (م ڊ) پنجاب صوبي ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڊينگي جا 3 نوان ڪيس ظاهر ٿيا آهن پنجاب جي صحت کاتي موجب هلندڙ سال صوبي جي 36 ضلعن ۾ ڊينگي جا 15 هزار 185 ڪيس سامهون آيا آهن پنجاب جي صحت کاتي ٻڌايو آهي ته گذريل ڏينهن لاهور ۾ ڊينگي جا 2 ۽ فيصل آباد ۾ 1 نوان مريض سامهون آيا آهن پنجاب جي صحت کاتي موجب پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

## ڪراچي عاشوري سانحي جي شهيدن جي وارثن کي انصاف ناهي مليو: علامه شبير حسن ميثمي

ڪراچي (رپورٽر) شيعه علماء ڪائونسل پاڪستان جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل علامه شبير حسين ميثمي چيو آهي ته 14 سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود ڪراچي ۾ عاشوري سانحي جي شهيدن جي وارثن کي انصاف ناهي ملي سگهيو، 14 سالن کان مظلوم نصاف جي اوسيئڙي ۾ آهن. هن چيو ته بسري ڪوهستان سانحي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

لاهور: اسپتال ۾ ڊينگي جا مريض داخل ٿيل نظر اچي رهيا آهن

# افغانستان مان آندل پرڏيهي هٿيارن جي پاڪستان ۾ استعمال جا وڌيڪ ثبوت سامهون اچي ويا

ٽي ٽي پي جي دهشتگردن وٽ افغانستان ۾ آمريڪا جا ڇڏيل هٿيار موجود آهن

ٽي ٽي پي کي هٿيارن جي فراهمي خطي جي سلامتي کي وڏو نقصان پهچايو آهي، ان سان پاڪستان ۾ دهشتگردي وڌي

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) پاڪستان ۾ افغانستان مان آندل پرڏيهي هٿيارن جي استعمال جا ثبوت هڪ ڀيرو ٻيهر منظر تي اچي ويا. سرڪاري نشرياتي اداري "پي ٽي وي نيوز" موجب پاڪ فوج گذريل ٻن ڏهاڪن کان ڪالعدم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

# شارجا کان ڪراچي ايندڙ عورت وٽان 92 لک رپين جا قيمتي موبائل فونز برآمد

شارجا کان ايندڙ مسافر عورت وٽان 23 قيمتي موبائل فونز برآمد ڪيا ويا

ليڊي سرچر عورت مسافر جي تلاشي ورتي ته 23 قيمتي موبائل فونز برآمد ٿيا

ڪراچي (م ڊ) جناح ايئرپورٽ تي ڪسٽمز انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي قيمتي موبائل فونز جي سمگلنگ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي، ڪسٽمز جناح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

# 5 جنوري تي ذوالفقار ڀٽو جي سالگرهه جون تقريبون سموري سنڌ ۾ ملهائڻ جو اعلان

5 جنوري تي شهيد ڀٽو جي 96 هين سالگرهه جون تقريبون سنڌ جي سيني ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ وڏي پيماني تي ٿينديون : نثار کهڙو

پارٽيءَ جا سيئي ضلعي صدر ڀرپور نموني سالگرهه تقريبون منعقد ڪن ۽ سالگرهه تقريبن ۾ ڪيڪ ڪٽيا وڃن

چونڊن لاءِ ٽڪيٽ جا خواهشمند اميدوار سيني ذيلي ونگن جا عهديدار ۽ پارٽي ورڪر پنهنجي ڀرپور شرڪت کي يقيني بڻائن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ پاران 5 جنوري تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 هين سالگرهه تقريبون سڄي سنڌ جي ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. اهڙو اعلان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر سينيٽر نثار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي: پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر سينيٽر نثار کهڙو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

# ڪراچي جي هوا جو معيار صحت لاءِ انتهائي نقصانڪار قرار

ڪراچي هن وقت آلودگي وارن شهرن ۾ پنجين نمبر تي آهي : انٽرنيشنل ويب سائيٽ ايئر ڪوالٽي انڊيڪس جي رينڪنگ

شنگهائي شهر چين جي سڀ کان وڌيڪ آلودگي وارن شهرن مان هڪ آهي

بنگلاديش جي راڄڌاني ڍاڪا 242 پارٽيڪوليٽ ميٽرز آلودگي سان ٽئين نمبر تي آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچي جي هوا جو معيار اڄڪلهه صحت لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي، انٽرنيشنل ويب سائيٽ ايئر ڪوالٽي انڊيڪس جي رينڪنگ موجب ڪراچي هن وقت آلودگي وارن شهرن ۾ پنجين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

# مورو باءِ پاس تي سي آءِ اي پوليس جي ڪارروائي نقلي سگريٽن سان ڀريل ٽرڪ پڪڙي ورتو

**پڪڙيل ٽرڪ کي مورو ٿاڻي تي آندوجتي نقلي سگريٽ جا ڪارٽون لاهي پوليس تحويل ۾ ڏنا ويا**

**سي آئي انچارج شهاب الدين ڪولاچي جي سخت هدايتن ۽ ملندڙ خفيہ اطلاع تي ڪارروائي ڪئي وئي**

**انسان جي جانين کي نقصان پهچائيندڙ خفيہ طريقي سان سگريٽ نيڪال ڪرائي رهيا آهن: شهاب الدين**

نوشهروفيروز ( رپورٽر:منظور ملڪ) مورو باءِ پاس تي سي آءِ اي پوليس جي ڪارروائي نقلي سگريٽن سان ڀريل ٽرڪ پڪڙي ورتو ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو. پڪڙيل ٽرڪ کي مورو ٿاڻي تي آندوجتي نقلي سگريٽ جا ڪارٽون لاهي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: پوليس پاران هٿ ڪيل نقلي سيگريٽ جا ڪاٽن

**شڪارپور پريس ڪلب جون چونڊون ٿي گذريون، سوڍو جيمس صدر چونڊجي ويو**

شڪارپور (ٻ) شڪارپور پريس ڪلب جون چونڊون ٿي گذريون ، صدر سوڍو جيمس ۽ جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي عبدالسلام انڙ ۽ ٻيا ڪامياب . خبر موجب: شڪارپور پريس ڪلب جون سال 2024 لاءِ چونڊون ٿي گذريون آهن. جن ۾ صدارتي عهدي لاءِ سوڍو جيمس ۽ خزانچي لاءِ سنڌيار رپورٽر عبدالخالق سومرو بنا مقابلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

# نئون سال نئين اميدن، نون جذبن ۽ نون خوابن سان شروع ٿي رهيو آهي: جسٽس (ر) مقبول باقر

**سنڌ امن ۽ محبت جي ڌرتي آهي ۽ الله سائين اسان جي وطن جي سدائين قائم ۽ آباد رکي**

**سنڌ جي شهرن جي صفائي سترائي ۽ خوبصورتي جو خيال رکڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي**

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر پاڪستان خاص طور تي سنڌ جي عوام کي نئين سال جون واڌايون ڏيندي چيو آهي تہ نئون سال ڌرتي ڌڻين لاءِ نئين اميدن، نون جذبن ۽ نون خوابن سان گڏ شروع ٿي رهيو آهي. اها ڳالهہ هن نئون سال 2024ع شروع ٿيڻ تي وزيراعليٰ هائوس مان جاري ڪيل سنڌس بيان ۾ ڪئي. هن چيو تہ سنڌ امن ۽ محبت جي ڌرتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

# سکر ۾ صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نہ ٿيا، احتجاجي علامتي بک هڙتال جاري

**ايس يو جئي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ جاري رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي**

**آصف لوڌي شهزاد تاباڻي، خالد ٻانيڻ، سحرش ڪوکر، جلال الدين پيو، عمر سومرو، ڪامران شيخ شريڪ**

**جان محمد جي اصل قاتلن کي سوگهو ڪرڻ تائين تحريڪ بابت وڌيڪ حڪمت عملي جوڙي وينديون: اڳواڻ**

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف صحافين جو احتجاج ... تحريڪ 140 ڏينهن ۾ جاري ... هڙتال جاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

**نئون ڪوٽ پ پ تعلقہ جهڏو جي صدر نياز محمد پنهور جو سوٽ لاڏاڻو ڪري ويو**

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پ پ تعلقہ جهڏو جي صدر نياز محمد پنهور جو سوٽ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

# ڪشمور ۾ بشير احمد بروهي جي ايس ايس پي ٿيڻ شرط بدامني ۾ واڌ، 2 نوجوان اغوا، پنگ طلب

**ڳوٺ لال محمد ميراڻي جو رهواسي سترهن سالن جو اسڪولي شاگرد عرفان ميراڻي هٿيارٻند هٿان اغوا**

**غوثپور جي ڪچي واري علائقي ۾ پنگ خاطر باندي بڻائي رکيو آهي جنهن جي اغوا جي تصديق ڪئي وئي**

**مغوي مرتضا بجاراڻي جي وارثن کي اغوا ڪار ٽولي پاران بازيابي لاءِ فون وسيلي 30 لک روپيا پنگ طلب**

غوثپور(رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور، ايس ايس پي ڪشمور بشير احمد بروهي مقرر ٿيڻ بعد ڌاڙيلن پاران ڪشمور ضلعي کي هڪ ڀيرو ڀيهر اغوا جي انڊسٽري بڻائي ڇڏيو آر ڊي 219 بل واري علائقي جي ڳوٺ لال محمد ميراڻي جو رهواسي سترهن سالن جو اسڪولي شاگرد عرفان ميراڻي پراسرار نموني سان گهر ٽي ويو آهي وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ڪندي حد جد پوليس کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

# ٽنڊوآدم جي ڳوٺ دائم ٿهيم جي رهندڙ پورهيت نينگر سان زيادتي جي ڪوشش

**ٽنڊوآدم جي ڪانٽا چوڪ لڳ جاءِ ۾ دلبر سان مبينا طور جنسي زيادتي جي ڪوشش**

**نينگر جي دانهن تي وارث پهتا ۽ جوابدار کي سگ سوڌو پڪڙي ورتو جيڪو فرار ٿي ويا**

**گلبهار ٿهيم ڪانٽا چوڪ ٽنڊوآدم تي ڪاڇا وڪرو ڪندو آهي ان زيادتي جي ڪوشش ڪئي: وارث**

ٽنڊوآدم (رپورٽر) ٽنڊوآدم جي ڳوٺ دائم ٿهيم جي رهندڙ پورهيت 15 سالا نينگر دلبر ولد مير محمد ٿهيم کي گلبهار عرف بهارو ٿهيم پڳهار تي رکڻ جو دلاسو ڏيئي ڪيس ٽنڊوآدم جي ڪانٽا چوڪ لڳ هڪ جاءِ ۾ آڻي سانس مبينا طور جنسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊوآدم: ڳوٺ دائم ٿهيم جا رهواسي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

**ايس ايس پي پاران هوائي فائرنگ ڪندڙن خلاف سخت ڪارروايون ڪرڻ جو حڪم**

ٺٽو(رپورٽر) ايس ايس پي ٺٽو علي بخش عرف آفتاب احمد نظاماڻي ضلعي ٺٽي جي سمورن ڊي ايس پيز ۽ ايس ايچ اوز کي سخت هدايتون ڏيندي چيو آهي ڌ نونئي سال جي موقعي تي هوائي فائرنگ ڪندڙن خلاف سخت ڪاروايون ڪري ڪين گرفتار ڪري مٿن قتل سميت ٻيا ڪيس داخل ڪري سمورا پوليس آفيسر روڊن تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

# ڳاڙهو جي رهواسي کان موٽر سائيڪل ڦر، ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او ڳاڙهو پاران ڪارروائي

**ڳوٺ لال محمد لاشاريءَ پرسان جوهو جي رهواسي عارب ميمڻ کان هٿيارٻندن ڦرلٽ ڪئي**

**ڳاڙهو ميان اظهر حسين سمون ۽ ايس ايڇ او ڳاڙهو سائين ڏنو ٻرڙو جي اڳواڻيءَ ۾ پوليس ڇاپو هنيو**

**جوابدار فرار، پوليس موٽر سائيڪل هٿ ڪري وڌيڪ جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ جانچ شروع ڪري ڇڏي**

ڳاڙهو(رپورٽر) جوهو جي رهواسي کان موٽر سائيڪل ڦر، ڊي ايس پي ڳاڙهو ۽ ايس ايڇ او ڳاڙهو جي ڪڏيل ڪاروائي. ڦرتيل موٽر سائيڪل هٿ. جوابدارن فرار خبر موجب ڳاڙهو ويجهو ڳوٺ لال محمد لاشاريءَ پرسان جوهو جو رهواسي اڳوڻي ڪائونسلر امين ڪارو ميمڻ جي پاٽيٽي عارب ميمڻ کان هٿيارٻندن پاران 125 موٽر سائيڪل، روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪئي ويئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

# لاڙڪاڻو آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان جي جنرل باڊي جو اجلاس، سال جي بجيٽ پيش

**جعلي ميمبرن جي ميمبرشپ ختم ڪري ڪين اعزازي ميمبر بڻائي ووٽ ڏيڻ جو حق نہ هوندو: اڳواڻ**

**صدر محمد اسماعيل جتوئي، نائب صدر انجنيئر جاويد احمد شيخ، سيڪريٽري محمد حنيف سهاڳ شريڪ**

**لاڙڪاڻو جي خزانچي عبدالنبي سارو سڄي سال ۾ ٿيل خرچ جو تفصيلي پيپرلڪت ۾ ميمبرن جي حوالي ڪيا**

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻو آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي جنرل باڊي جو اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ سڄي سال جي بجيٽ پيش ڪئي وئي. آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي ساليانو جنرل باڊي جي اجلاس ۾ رٽ پاس ڪرائي وئي تہ جعلي ميمبرن جي ميمبرشپ ختم ڪري ڪين اعزازي ميمبر بڻائي ووٽ ڏيڻ جو حق نہ هوندو ۽ لائيف ٽائيم ميمبر آرٽس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

لاڙڪاڻو: آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان جي جنرل باڊي جي ڪوٺايل اجلاس جو ڏيک

**وفاقي وزير محمد ميان سومرو پاران صحافي اشرف جان بروهي جي پوئٽرن سان تعزيت**

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد: اڳوڻي سينيٽ چيئرمين، وفاقي وزير سردار محمد ميان سومرو صحافي اشرف جان بروهي جي پوئٽرن سان تعزيت ڪئي، سردار سخي عبدالرزاق ڪوسو، حاجي انور خان رند، اصغر خان پنهور، حاجي غلام نبي رند، محمد انور سومرو مرحوم صحافي اشرف جان بروهي لاءِ دعا مغفرت گهري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

# عمرڪوٽ پرسان ٿيل ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائنل، حاجي بقا پلي ٽيم چيئمپين بڻجي ويئي

**بينظير ڀٽو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائنل مئچ حاجي بقا پلي ۽ منعيم پلي ڪلب جي وچ ۾ ڪيڏيو ويو**

**ٽاس کٽي منعيم پلي ڪلب مقرر 10 اورن ۾ 65 رنسن جو ٽارگيٽ ڏنو، علائقي جي ٽوٽل 20 ٽيمن حصو ورتو**

**ضلعي چيئرمين محمد بقا پلي خانصاحب حسن رسول پلي، حاجي معشوق پلي، الهورايو پلي ۽ ٻين پاران شرڪت**

عمرڪوٽ (رپورٽر) عمرڪوٽ پرسان ٿيل ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو حاجي بقا پلي ٽيم چيئمپين بڻجي ويئي، رانديگرن طرفان خوشي جو اظهار خبر موجب عمرڪوٽ پرسان ڳوٺ وليداد پلي ۾ ٿيل پنجون شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائنل مئچ حاجي بقا پلي ۽ منعيم پلي ڪلب جي وچ ۾ ڪيڏيو ويو جنهن دوران ٽاس کٽي منعيم پلي ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

# سکر ۾ سرديون اچڻ بعد چورن جو آزار بہ وڌي ويو، دڪان مان سامان چوري

**نيو پنڊ ٿاڻي جي حد پوسا لائين واري علائقي ۾ چورن سردي جو فائدو وٺندي چوريون وڌي ويون**

**چوري جي اين سي نامعلوم چورن خلاف داخل ڪرائي وئي پر پوليس چورن کي گرفتار ڪري نہ سگهي**

سکر( رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سرديون اچڻ بعد چورن جو آزار بہ وڌي ويو نيو پنڊ ٿاڻي جي حد پوسا لائين واري علائقي ۾ چورن سردي جو فائدو وٺندي ڪرياڻ دڪان جا تالا ٽوڙي دڪان مان سامان ٻوهاري ويا 50 هزار کان وڌيڪ دڪان مان چورن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

# پريس ڪلب گلاب لغاري جي سال 2024 جي لاءِ ساليانو چونڊ ٿي گذري

**صدر علي نواز دل، نائب صدر امين فقير، جنرل سيڪريٽري معشوق علي چونڊيا ويا**

**پريس سيڪريٽري منل لغاري ۽ ورڪنگ ڪاميٽي تي ابراهيم لغاري کي اتفاق راءِ چونڊيو ويو**

گلاب لغاري (رپورٽر:گلزار لغاري) پريس ڪلب گلاب لغاري جي سال 2024 جي لاءِ ساليانو چونڊ سرپرست اعليٰ عبدالغفار لغاري جي نگراني ۾ ٿي گذري جنهن ۾ صدر علي نواز دل، نائب صدر امين فقير، جنرل سيڪريٽري معشوق علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گلاب لغاري: نوان چونڊيل عهديدار گڏ بيٺل آهن

# سياري جي سردي شروع ٿي وئي، 2023 جي پڇاڙي نئين سال جي آمد تي ڪوهيڙو

**سردي جي وڌڻ سبب گهرن ۾ محدود شهر جا روڊ ويران ٿي ويا، گرم شين جي واڌ ۾ واڌ**

**سردي ۾ اضافو سردي جي وڌڻ سبب شهري گهرن تائين محدود رهيا شهر جا روڊ ويران ٿي ويا**

سکر( رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سياري جي سردي شروع ٿي وئي 2023 جي پڇاڙي نئين سال جي آمد سان گڏ ڪوهيڙو ۽ سردي شروع ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

# عوامي پريس ڪلب ڪينڊي جي سال 2024 لاءِ چونڊ لاءِ ميٽنگ ڪري ڇڏي

**صدر امانت حسين چانڊيو نائب صدر محرم علي ملاح جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو**

**جوائنٽ سيڪريٽري محمد اشرف بجير اطلاع سيڪريٽري جاويد ڪنهر خزانچي ڪيول رام چونڊيا ويا**

ڪينڊي (رپورٽر: محرم علي ملاح) عوامي پريس ڪلب جي سال 2024 لاءِ جي چونڊ لاءِ ميٽنگ ڪري ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

# سي اي او واٽر ڪارپوريشن پاران آفيسرن ۽ ملازمن کي نئين سال جون مبارڪون

**انشاء الله نئون سال عالم انسانيت سميت وطن عزيز پاڪستان جي ترقي لاءِ ثابت ٿيندو**

**عزم ۽ نئين جذبي سان شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهيون**

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد ... 2024 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي: سي اي او واٽر ڪارپوريشن ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

# سکر ۾ نعمان ثابت طاهر جي دعوت وليمي ۾ جماعت اصلاح المسلمين جا اڳواڻ شريڪ

**سائين نعمان ثابت طاهر جي دعوت وليمي ۾ سائين جعفر صادق طاهر ۽ ٻين پاران شرڪت**

**درگاهن جي گادي نشينن، سميت سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي**

سکر(رپورٽر) جماعت اصلاح المسلمين سنڌ جي پريس ترجمان ڊاڪٽر سعيد اعوان موجب جماعت اصلاح المسلمين پاڪستان جي سرپرست اعلىٰ و سلسلہ عاليہ نقشبنديہ طاهريہ جي سالار فخر انسانيت خواجہ محمد طاهر المعروف سجڻ سائين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

# نوشهروفيروز ۾ بدامني خلاف صحافين پاران خبرون هلڻ تي ايس ايڇ او صحافين تي ڏمرجي پيو

**ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ بعد ٻئي صحافي ضمير حسين لنڊ کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو**

**پيسا نہ ڏيڻ تي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ڪري صحافين پاران احتجاجي مظاهرو، شديد نعريبازي**

نوشهرو فيروز (منظور ملڪ) نوشهروفيروز پوليس صحافي ضمير لنڊ کي روينيو ڪالوني جي رهواسي وجيهہ ميمڻ جي گهر مان چوري جي الزام ۾ گرفتار ڪري ورتو پوليس جي زيادتين خلاف سڄي ضلعي ۾ صحافين جو احتجاج جاري. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز: صحافي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

# عادلپور پريس ڪلب جي جي سال 2024 : مسرت علي مهر صدر چونڊجي ويو

**سينيئر نائب صدر عبدالحليم مهر نائب صدر اسلم مهر ۽ ٻيا عهديدار چونڊيا ويا**

**اطلاعات سيڪريٽري رياض مهر پريس سيڪريٽري غلام رسول مهر ۽ ٻيا عهديدار چونڊيا ويا**

جان محمد سوسائٽي( رپورٽ غلام رسول مهر) عادلپور پريس ڪلب جي جي سال 2024. جي چونڊ گهوٽڪي جي سينيئر صحافين عامر چنا فرمان علي سومرو مشتاق شاهي لغاري جي نگراني ۾ ٿي گذريون جنهن سال 2024 لاءِ عادلپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

# ڊائريڪٽر ايجوڪيشن آفيس نوابشاهہ رشوت خوري ۽ ڪرپشن جو گڙهہ بڻجي وئي

**ڊائريڪٽر ايجوڪيشن نصير احمد جوڻي جعلي پروموشن ڪرڻ جو دوڪان کولي ڇڏيو**

**ڊائريڪٽر نصير احمد جوڻي صرف ۽ صرف ڪارو ناڻو ڪمائڻ ۾ مصروف آهي: ساجاهہ وند**

نوشهروفيروز( رپورٽر) ڊائريڪٽر ايجوڪيشن آفيس نوابشاهہ رشوتخوري ۽ ڪرپشن جو گڙهہ بڻجي وئي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن نصير احمد جوڻي جعلي پروموشن ڪرڻ جو دوڪان کولي ڇڏيو آهي وڏي تعداد ۾ جعلي پروموشن ٿيڻ جا پڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

# گلاب لغاري ۾ ياسر عباس ڪمپيوٽر اڪيڊمي ۽ انگلش گرامر سينٽر پاران سرٽيفڪيٽ تقسيم

**شاگرديائين ۾ سرٽيفڪيٽ , ايوارڊ ۽ ٽرافيون ورهائڻ جي هڪ ننڍڙي ۽ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي**

**ائڊووڪيٽ ياسين لغاري، ڊاڪٽر عبدالرحمن لغاري ,غلام رسول لغاري ,عمران عظيم ۽ ٻيا شريڪ ٿيا**

گلاب لغاري(رپورٽر: گلزار لغاري) گلاب لغاري ۾ ياسر عباس ڪمپيوٽر اڪيڊمي ۽ انگلش گرامر سينٽر پاران سي آئي ٽي ۽ ڊي آئي ٽي جا ڪورس پاس ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ سرٽيفڪيٽ , ايوارڊ ۽ ٽرافيون ورهائڻ جي هڪ ننڍڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

گلاب لغاري: ڪمپيوٽر جو ڪورس مڪمل ڪرڻ تي هڪ شاگرد کي سرٽيفڪيٽ ڏنو پيو وڃي

# وومين ايگريڪلچر ورڪرس تنظيم ميمبرن پاران رائٽس ايڪٽ 2019ع تي عمل ڪرائڻ جو مطالبو

**ڳوٺ ڪلادي ۽ اسماعيل لبانو ۾ وومين ائگريڪلچر ورڪرس ڪائونسل جي ميمبرن سان گڏجاڻيون ڪيون**

**گڏجاڻي جو مقصد حقن، تعليم ، صحت، بجلي، صاف پاڻي، خوراڪ ۽ ووٽ جي اهميت بابت ڄاڻ ڏيڻ آهي: اڳواڻ**

**هاري ۽ مزدور عورتن جي اجرت وڌائڻ لاءِ ضلعي کان صوبائي سطح تائين ايڊووڪيسي مهم هلائي پئي وڃي: ڳالهيون**

سکر(امداد علي گل ڪلوڙ) وومين ايگريڪلچر ورڪرس تنظيمن جي ميمبرن سنڌ جي سياسي پارٽين ۽ حڪومت کان وومين ايگريڪلچر ورڪرس رائٽس ايڪٽ 2019ع تي عمل ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ناري فائونڊيشن نيو سکر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر: وومين ايگريڪلچر ورڪرس تنظيم پاران منعقد ڪيل گڏجاڻي جو ڏيک

**بدين ۾ ايس ايس پي قمر رضا جسڪاڻي جي بدلي ڪانپوءِ مير روحل ڪوسو پهچي چارج سنڀالي ورتي**

بدين( رپورٽ مرتضي ميمڻ) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي بدلي ڪانپوءِ ان جي جاءِ تي مقرر ٿيل ايس ايس پي بدين مير روحل ڪوسو آفس پهچي چارج سنڀالي ورتي ايس ايس پي مير روحل ڪوسو آفيس پهچڻ تي بدين پوليس جي دستي ڪيس گارڊ آف آنر پش ڪيو

# مهراڻ فٽبال اڪيڊمي ٺٽو پاران ونٽر اسپورٽس فيسٽيول جي آخري ڏينهن تي ايوارڊ تقريب

**سياري جي موڪلن دوران ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ڏهہ ڏينهن واري سياري ڪيمپ جو انعقاد ڪيو ويو**

**مديحہ جاکرو ۽ سندس ٽيم پاران منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٻارن جي وڏي انگ ٽريننگ حاصل ڪئي**

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) مهراڻ فٽبال اڪيڊمي ٺٽو پاران ونٽر اسپورٽس فيسٽيول جي آخري ڏينهن تي رانديگرن ۽ آفيشلز ۾ انعام ورهائڻ واري ڪانپوءِ پڄاڻي تي پهتو، مهراڻ فٽبال اڪيڊمي ٺٽو پاران سياري جي موڪلن دوران ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ڏهہ ڏينهن واري سياري ڪيمپ جو انعقاد ڪيو ويو، جنهن ۾ ننڍي عمر جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين شرڪت ڪئي 6 کان 16 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

# اوٻهه پريس ڪلب 2024 جي چونڊ، صدر محمد اصغر پاٽني ۽ ٻيا عهديدار چونڊيا ويا

**نائب صدر آدم سريلو، جنرل سيڪريٽري عبدالعليم ميمڻ، جوائنٽ سيڪريٽري منصور چانڊيو ٿي ويا**

**ننڍين وڏن ڳوٺن توڙي شهرن ۾ عوامي عدالتون لڳائي عوام جي مسئلن کي اجاگر ڪنداسين: محمد اصغر پاٽني**

**سردار مگسي، فدا حسين پنهور، موسي جت، اقبال خاصخيلي، غلام مصطفي پاٽني، محمد حنيف شيراني ۽ ٻيا موجود هيا**

ڪراچي (رپورٽر: باقر سگهڙ پنهور) اوٻهه پريس ڪلب ... صدر آدم سريلو، جنرل سيڪريٽري عبدالعليم ميمڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

**دادو ۾ بجلي ۽ گئس جي هڙتال بدترين لوڊشيڊنگ خلاف عوامي سوشل فورم پاران احتجاج**

دادو (رپورٽر) دادو ۾ بجلي ۽ گئس جي هڙتال بدترين لوڊشيڊنگ خلاف عوامي سوشل فورم ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي: پريس ڪلب جا نوان چونڊيل عهديدار گڏجاڻي ڪري رهيا آهن

# ٺٽي جي هڪ قومي ۽ ٻن صوبائي تڪن تي 65 اميدوارن جا نامزدگي فارم بحال

**قومي ۽ ٻن صوبائي تڪن تي 108 نامزدگي فارم رٽرننگ آفيسرن وٽ جمع ڪيا ويا**

**31 اميدوارن جا نامزدگي فارم بحال ٿيڻ سميت هڪ اميدوار جو نامزدگي فارم رد ڪيو ويو آهي**

**فارم رٽرننگ آفيسرن پاران بحال ڪرڻ سميت 24 اميدوارن جا فارم مختلف سبب ڪري رد ڪيا ويا**

ٺٽو(ٻ) 8 فيبروري تي اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران پوري ملڪ ۾ اعلانيل قومي ۽ صوبائي سيٽن جي اليڪشن جي سلسلي ۾ اليڪشن ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن پاران پنهنجا نامزدگي فارم رٽرننگ آفيسرن وٽ جمع ڪرايا هئا، جن جي جانچ پڙتال جو سلسلو جاري آهي. ڊي سي آفيس ٺٽو ۾ رٽرننگ آفيسر ٺٽو پاران ٺٽي ضلعي جي هڪ قومي ۽ ٻن صوبائي تڪن NA/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

# "ڪراچي يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ ڪي ايس پي پاليسي ختم ڪريو": سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان احتجاج

**سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان ڦوهارا چوڪ کان پريس ڪلب تائين سوين شاگردن جي پرجوش ريلي ڪڍي وئي**

**سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر عاطف ملاح، مرڪزي جنرل سيڪريٽري غلام علي زئور، ڪبير ڀيل شريڪ**

**ڪي ايس پي پاليسي وسيلي قابليت ۽ اهليت جي بدران جغرافيائي بنياد جي داخلائون ڏيڻ ميرٽ جو قتلام آهي: اڳواڻ**

ڪراچي ( رپورٽر) ڪراچي يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ ڪي ايس پي پاليسي ختم ڪريو، سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان ڦوهارا چوڪ کان پريس ڪلب تائين سوين شاگردن جي پرجوش ريلي. ڪي ايس پي پاليسي ميرٽ جو قتلام قرار. ڪي ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي: سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

**پريس ڪلب راڻيپور 2024 ع چونڊن ۾ غلام شبير جعفري صدر چونڊجي ويو**

راڻيپور (رپورٽر) پريس ڪلب راڻيپور ساليانو 2024ع چونڊن ۾ غلام شبير جعفري صدر، جنرل سيڪريٽري رضا راڄپر چونڊيا ويا سياسي، سماجي اڳواڻن، دوستن، همدرن سنڌ جي ثقافت اجرڪ ٽوپي ۽ گلن جون سالهائون پارائي مبارڪون ڏنيون ويون تفصيل موجب پريس ڪلب راڻيپور جون ساليانو 2024ع چونڊون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

# طبقاتي جدوجهد جوهي طرفان سوشلزم جو تنقيدي ۽ تعميري جائزو جو ليڪچر پروگرام

**نظام ۽ سوشلزم جو تنقيدي ۽ تعميري جائزو جي عنوان تي هڪ ليڪچر پروگرام رکيو ويو**

**ڪنٽريبيوشن آبادگار اڳواڻ ڪامريڊ جهندو خان لغاري، ميهر خان گاڏهي، سائين رياض ڪوسو شريڪ**

**ڪامريڊ اعجاز ٻگهيو نظام سان گڏ سوشلزم ۽ ملڪي صورتحال تي روشني وڌي سوالن جا جواب پڻ ڏنا**

جوهي (رپورٽر) طبقاتي جدوجهد جوهي طرفان اڄ 31 ڊسمبر 2023 بروز آچر تي جدوجهد آفيس جوهي تي سرمائي داراڻ نظام ۽ سوشلزم جو تنقيدي ۽ تعميري جائزو جي عنوان تي هڪ ليڪچر پروگرام رکيو ويو ليڪچرڪار نوجوان ڪامريڊ شاهزيب سومرو صاحب هيا، جنهن تمام بهتر نموني سرمائي داراڻ نظام ۽ سوشلزم جي تشريح ڪئي، پروگرام جي باقاعد شروعات ڪامريڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

# لاڙڪاڻي ۾ پير شير ريگيوليٽر، ڦل مائنر، گهاڙي مائنر جي آبادگارن طرفان پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاج

**آبادگارن سعيد احمد سولنگي، جيند احمد جتوئي، وڏيرو الهہ بخش خان عباسي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو**

**پيرشير، وڏا مهر، ننڍا مهر، ۽ وڏا ڦل ۽ ننڍا ڦل، دودو سنهڙي، باجهي خان جتوئي، الهندو ميربحر ۾ پاڻي جي ڪوٽ**

**هن وقت اسان ڪڻڪ جو فصل پوکيو آهي پر آبپاشي کاتي پاران اسان کي پاڻي نٿو ڏنو وڃي: مظاهرين جون ڳالهيون**

لاڙڪاڻو( رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ پير شير ريگيوليٽر، ڦل مائنر، گهاڙي مائنر جي آبادگارن طرفان پاڻي جي ڪوٽ خلاف پيرشير باءِ پاس تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جتي هنن آبپاشي کاتي جي عملدارن خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي، ان موقعي تي آبادگارن سعيد احمد سولنگي، جيند احمد جتوئي، وڏيرو الهہ بخش خان عباسي، وڏيرو لياقت ڪورائي، ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

لاڙڪاڻو: پاڻي جي ڪوٽ خلاف آبادگار احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

**ٽنڊوآدم تعلقا ٽاڻي جي حد جي ڳوٺ باقر موري مان چور شاهنواز خاصخيلي جي مينهن چوري**

ٽنڊوآدم ( رپورٽر) ٽنڊوآدم تعلقا ٽاڻي جي حد جي ڳوٺ باقر موري مان چور ڳوناٽي شاهنواز خاصخيلي جي مينهن چوري ڪري ويا پاڳين پيرا کڻي ڳوٺ آدم پنهور لڳ ڪمند جي فصل مان مينهن هٿ ڪري ورتي جڏهن تہ چور فرار ٿي ويا

*****

# اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي ٽلهار طرفان تعليمي ۽ فڪري ويهڪ جو پروگرام منعقد

**تاريخدان ناصر بلوچ بهترين مقرر عطاالله شاهہ ,بشير ملاح عبدالقيوم ميمڻ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا**

**استاد رمضان انصاري کي اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي جي ٽيم طرفان اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو ويو**

**تقريب ۾ استاد رمضان انصاري مهيش ڪمار ارسلان جتوئي زبير انصاري پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا**

ٽلهار (رپورٽر) اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي ٽلهار طرفان تعليمي ۽ فڪري ويهڪ جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٽلهار جي ٽاليوارن استادن اديبن شرڪت ڪئي جنهن ۾ تاريخدان سائين ناصر بلوچ بهترين مقرر سائين عطاالله شاهہ سائين بشير ملاح سائين عبدالقيوم ميمڻ سائين جاويد خاصخيلي سميت ٽلهار جي ڪافي استادن ۽ شاگردن شرڪت شاگردن کي اعزازي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
# سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر پهرين جنوري 2024ع

## مهانگائيءَ جي وڌندڙ شرح ۽ بي اونا حڪمران

ملڪ جي پين اهم مسئلن جيان مهانگائي به اهم مسئلو آهي پر هن معاملي جو حل حڪمرانن جي ترجيحن ۾ شمار ٿي ناهي رهيو. اها ڳالهه ڪا هاڻوڪي ناهي، ڏهاڪن کان مهانگائي کي واڌ ويجهه جو موقعو ڏنو ويو آهي. سڄي دنيا مان ڪشتو ڪٺي قرض وٺي ملڪ کي مقروض ڪيو ويو آهي. حڪمرانن جي غلط ۽ ناڪار پاليسين جي ڪري ملڪ معاشي طور تي عالمي مالياتي ادارن وٽ گروي ٻڌل آهي. جنهن جو نتيجو معاشي ڏيوالپڻو، مهانگائي جو طوفان ۽ ٻيا مسئلا آهن. جن جي حل لاءِ سوچڻ ڪنهن به سياسي جماعت ۽ حڪمرانن جي ترجيحن ۾ شمار ٿي ناهي رهيو. حڪمرانن جي انهن ئي غلط پاليسين جي ڪري مهانگائي گهٽجڻ بجاءِ مسلسل وڌي رهي آهي. ملڪ ۾ مهانگائي جي شرح ۾ ڪجهه گهٽتائي بعد هلندڙ هفتي وري اضافو ٿي ويو آهي. شماريات کاتي طرفان جاري ٿيل رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته هلندڙ هفتي مهانگائي ۾ 0.37 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سالياني بنياد تي مهانگائي جي شرح 43.25 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي آهي، جيڪو تمام وڏو اضافو آهي. هن رپورٽ موجب، بصر، ڪڪڙ، پاڪرو، وڏو گوشت ۽ دالين جي اگهه ۾ اضافو ٿيو آهي.

جڏهن به اليڪشن ويجهي ايندي آهي ته سياستدانن ني اڪثريت عوام جي درن تي پهچي ويندي آهي. پنهنجي پارٽي جو منشور بيان ڪيو ويندو آهي. غريب عوام کي طرحين طرحين جا خواب ڏيکاريا ويندا آهن. ڪا سياسي جماعت اٽي، لٽي ۽ اجهي جو واعدو ڪندي آهي، ته ڪنهن پارٽي جي منشور ۾ عوام کي گهر ٺهرائي ڏيڻ جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. اهڙي قسم جا خواب ڏيکاري اهي سياستدان اقتدار جي مومل ته ماڻي وٺندا آهن پر حڪومت ملڻ کان پوءِ سندن اهو منشور ڪاغذ جي پنن تي ئي موجود رهجي ويندو آهي. سندن واعدن کي وفا جو پاڻي ملي ناهي سگهندو ۽ اقتداري ايوانن ۾ نج عوامي مسئلن جا پڙاڏا جيڪڏهن ڪڏهن پڌا به ويندا آهن، ته ان ۾ به سياسي مصلحتون ۽ مفاهمتون شامل هونديون آهن. عوام جا اهم مسئلا غربت جو خاتمو، مهانگائي، بهتر تعليم، مفت صحت جون سهولتون ۽ غريب عوام لاءِ اجها قائم ڪرڻ خواب ئي ٻڌل رهندا آهن.

هونئن ته هي ملڪ معدني وسيلن سان مالا مال آهي. هتي ڪانئين مان سون نڪري ٿو. 'ڪاري سون' جا ذخيرا آهن. سياحت جي واڌ ويجهه لاءِ سازگار موقعا آهن. سامونڊي بندرگاهه آهن. پر حيرت اها آهي ته اسان پوءِ به مفلسي ۽ غربت ۾ گهيريل آهيون. ان لاءِ ته ذميوار اسان جا حڪمران آهن. جيڪي ملڪي وسيلا عوام تي خرچ نٿا ڪن. اهي عالمي استحصالي ايجنڊا تي عمل ڪندي پنهنجي عوام جي استحصال لاءِ در کوليندي عالمي استحصالي ادارن کي ملڪي وسيلن تائين رسائي ۽ راهداري ڏيئي رهيا آهن. حڪمرانن جي نااهلي اها آهي ته ملڪ کي لاتعداد وسيلن جي هوندي به قرض تي انحصار ڪرڻو پوي. حڪمران ملڪ لاءِ ڪا ڊگهي مدي واري معاشي رٿابندي جوڙي نه سگهيا آهن. ملڪ کي عارضي ۽ ايڊهاڪ بنياد تي هلايو پيو وڃي. هر حڪمران پاڻ کي صرف پنهنجي اقتداري مدي لاءِ ذميوار سمجهي ٿو ۽ ملڪي وسيلن جي استعمال لاءِ ڪا منصوبابندي جوڙڻ بدران قرض ڪٺي ملڪ هلائي ٿو ۽ وري بي حڪومت اچي خزاني خالي هجڻ جي واويلا ڪري نوان قرض ڪٺي ٿي. باقي ڪوٽ عوام مان پوري ڪئي وڃي ٿي. ملڪ گهڻ پاسائن مسئلن ۾ گهيريل آهي پر هن وقت تقريبن سڀني سياسي جماعتن جي ڪوشش اقتدار ماڻي پنهنجي حريفن کان انتقام وٺڻ جي آهي. انهن سياسي جماعتن جي منشور مان نج عوامي مسئلن جو حل غائب آهي. ٿيڻ ائين گهرجي ته جيڪا به جماعت عوامي مينڊيٽ سان حڪومت جوڙي، اها بجاءِ سياسي چنداپٽ جي، ملڪ جي اهم مسئلن تي توجه ڏئي. ملڪ تان قرض جو بار هلڪو ڪرڻ جون رٿائون جوڙي. بهتر معاشي پاليسيون جوڙي. روزگار جا وسيلا پيدا ڪيا وڃن. پاهرين سيڙپڪاري لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪيو وڃي. مفت تعليم ۽ صحت جا بندوبست ڪيا وڃن ۽ سڀ کان اهم ڳالهه هن آرٽيفيشل انٽيليجنس جي دور ۾ ملڪ جي غريب ماڻهن کي گهٽ ۾ گهٽ مهانگائي جي منهن ۾ نه وڌو وڃي ته جيئن انهن کي به ويلا سستي ماني نصيب ٿي سگهي.

## انصاف جو مستقبل

رحمت الله پرڙو

تازو هڪ علم دوست اهل عالم دوستن جي وچ ۾ ويهڻ ۽ وچڻ جو اتفاق ٿيو اتفاق ته شيڊيولڊ ئي هو پر هيءُ محفل ۽ اهل علم دوست عالمن جي منهنجي لاءِ ڪنهن اتساهه کان پڻ گهٽ ڪونه هئي. وڪالت،صحافت کان ويندي اهل علم عالم دوستن توڙي سرڪاري کاتن جي اهم عهدن تان ريٽائرڊ ۽ اهم منصبن جو مشاهدو رکندڙ دوستن جي هيءُ محفل مون ناچيز لاءِ بلڪل به اهميت جي حامل هوندي هڪ انوکو ڏيک ڏيندڙ ۽ دلچسپي کان ٻاهر ڪونه هئي. هن محفل جو عنوان پڻ (انصاف جو مستقبل) هو جيڪو بهپڻ ڪنهن تجسس کان پڻ گهٽ ڪونه هو. محفل جي بلڪل به آخر ۾ مونکي ويهڻ جو موقعو مليو ۽ هيءُ محفل 10 کان 15 ماڻهن تي مشتمل هئي ۽ هي سڀ شريڪ دوست اهل دانش ۽ اهل علم جي سطح ڪانگهٽ ناهن هوندا. جڏهن تقريب جي شروعات ٿي ته هن تقريب جي اوپننگ مون جهڙي ناچيز کان ڪرائي وئي ۽ مون کي انصاف ۾ ڪيتري اميد هئي سا ته بيان پڻ ڪئي سين.باقي انصاف جي مستقبل بابت مون جيڪي ويچار ونڊيا سي اهي هئا ته اسان جي عدالتي انصاف کان ويندي ادارتي اهلڪارن يا انتظامي عملدارن جا جيڪي به انصاف لاءِ رويا آهن يا رهيا آهن سي انصاف واري مهيا ڪرڻ واري ڏارا جي بلڪل به ابتڙ . ن ڪري لازمي آهي ته اسان جي ملڪي اهم ادارتي سربراهن .عدالتي منصفن.سياسي ادارن جي سربراهن کان ويندي پارليامينٽ جي زميوار سربراهن کي اهم ڪردار ادا ڪرڻو پوندو؟؟ بهرحال پروگرام جي شروعات ۾ ڳالهائيندي ڊاڪٽر ڏاڏي ڏڪيائيءَ کي Face ڪندي ڳالهه اتي بند ڪئي سين ته اهل سياست.اهل انتظامي سربراهن.۽ عدالتي منصفين کي اڳتي اچڻو پوندو ۽ پنهنجي مستقبل لاءِ ڪم ڪرڻو آهي ۽ انصاف جي مستقبل کي بهتر ڪرڻو آهي ته پنهنجي ڪردارن ۾ شفافيت کان ڪم وٺڻو پوندو.؟؟ پاڪستان سطح جي سينيئر آفيسر ۽ سنڌ جي اڳوڻي چيف سيڪريٽري پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته اسان وٽ انصاف مهيا ڪرڻ واري رستي ۾ رڪاوٽ RULE OF LAW تي عمل نه ٿيڻ وڏو سبب آهي .ان ڪري تازو مثال توهان لاءِ سنگاپور آهي جتي مڪمل طور رول آف لا تي عمل ٿئي پيو ۽ اتان جو عوام رياستي ادارن جي ڪارڪردگي مان مطمئن نذر اچي پيو جنهن جو ايمان آهي ته هتن کي رول آف لا تي عمل سبب انصاف بهتر نمونے ملڻ جي اميد اٿن هڪ ٻئي سينيئر ريٽائرڊ آفيسر جو چوڻ هو ته هتي قانون ناهيندڙ پنهنجي حق ۾ قانون ته بهتر ناهن ٿا پر قانون رياستي پس منظر ۾ عملي صورت ۾ بلڪل به ابتڙ نذر اچي ٿو جيڪو هڪ هٽو معيار پڻ آهي جنهن سان انصاف جو مجموعي طور بهتر تاثر پيدا ڪونه ٿيندو چوته ماڻهن کي عام طور سالن پويان به انصاف ناهي ملي سگهندو جيڪا هڪ وڏي زيادتي آهي ۽ اتي اچي Rule of Law ڪمزور ٿئي ٿو اهڙي نموني سابق وزير قانون ۽ قانون جي استاد شريڪ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته اسان وٽ بگاڙ جي تاريخ انتهائي پراڻي آهي ۽ ان حوالي سان ايوب خان جي آمريت کان ويندي موجود دور تائين انصاف نه ملڻ .انصاف جي رستي ۾ ڏکيائن جو سامهون اچڻ ۽ انصاف عام ماڻهن تائين نه پهچڻ جا سبب هڪ بگاڙ صورت ۾ سامهون رکيا جنهن بگاڙ کي استعمال ڪندي مٿين اليٽ ڪلاس انصاف جا پيرا ميٽرز جيڪي بيهاريا آهن سي پنهنجي جڳاڙ کي سڌو ڪرڻ لاءِ هڪ بگاڙ مان پيو ۽ تيون بگاڙ پڻ سامهون آندو جنهن ڪري Rule of Law ڪنهن بهتر صورت ۾ ڏسڻ وٺان نٿو اچي ان ڪري اسانجي انصاف جو مستقبل ڏاڍو ڏکيو ۽ ڪمزور ٿو نظر اچي اهڙي نموني مجموعي طور شريڪ دوستن جن جو تعلق وڪالت .صحافت کان ويندي سياست ۽ عسڪري اداري جي ريٽائرڊ اهم زميوار جي به شرڪت هئي جن جو خيال هو ته اسان وٽ ادارا ۽ ادارن جا سربراهه پنهنجو انتظامي .عدالتي ۽ پاليارماني ڪردار هونئن ته وڃائي چڪا آهن پر سندن سربراهيءَ هيٺ انصاف جو نه ملڻ جڻ نه ٻڌائي ٿو ته هتي Rule of Law پنهنجو اخلاقي قدر وڃائي چڪو آهي جنهن ڪري ادارتي سربراهه پنهنجو وقار بحال رکڻ ۾ ناڪام رهن ٿا جنهن جي ڪري اسان اوهان هن عنوان ته (انصاف جو مستقبل) بابت فڪرمند آهيون هن محفل. تقريب يا ميٽنگ جو اصل روح جيڪو هو سو هن عنوان هيٺ ته (انصاف جو مستقبل هاڻي جڏهن هن گهٽ پوسٽ واري ماحول ۾ اسان جي هن بي حس سماج مان اهل فڪر ۽ اهل علم ودانش حلقا ان موضوع انصاف جو مستقبل تي فڪرمند ٿي فڪري بحث ڪن ٿا ته اتي هن اهڙي معاملي تي اسانجي اهل اختيار ۽ اهل زميوار قيادتن کي به فڪر مند ٿي ڪري ادارن جي بهتر ڪارڪردگيءَ تي سوچڻ کپي ۽ اڳتي جا انتظامي.عدالتي.پارلياماني توڙي سياسي نمائندگيءَ تي انتهائي گهرهو اڀياس ڪري Rule of Law کي عملي صورت ڏئي اڳتي اچڻو پوندو ٻي صورت ۾ اسانجي سماج جو عام ماڻهون جنهن کي مجموعي طور عوام به چئي سگهجي ٿو پنهنجو اعتماد رکڻ وڃائي ويٺو آهي جو هن کي عدالتن توڙي سول ۽ عسڪري ادارن مان وقتائتو Rule of Law تي عملي صورت ۾ انصاف سالن تائين نه پهچڻ سبب ساک وڃائي ويٺو آهي لازمي آهي ته سماج جا اهل فڪر ۽ اهل دانش و علم حلقا اهڙن موضوعن ۽ معاملن تي پنهنجي فڪر انگيز بحث ضرور ڪندا ته اسانجي معاشري ۽ ملڪ توڙي ادارن کي ڪهڙن ڪهڙن مسئلن کي درست ڪري اڳتي وڌڻو آهي جنهن سان رياست ۽ رياستي ادارن جي ساک کي بهتر نظر ۽ اميد سان ڏٺو وڃي ان ڪري ملڪ جي فڪرمند سياسي قيادت.عسڪري قيادت.عدالتي قيادتن کان ويندي ملڪ ۽ صوبن جي اهم ادارتي سربراهن کي عوام جي ڏکن ۽ تڪليفن کي سامهون رکي ملڪي ادارن جا وقت جي گهرجن موجب پيرامينٽرز ۽ اصول طئي ڪرڻا پوندا جنهن سان رول آف لا کي آئيني.قانوني ۽ انتظامي روح سان هلائڻ تي عمل ڪرائڻو پوندو.جي نه ته پوءِ هيءُ جيڪا مٿي ذڪر هيٺ ڳالهيون آنديون آهن سي تمام ڳنڀيرتيءَ جوڳيون آهن جيڪي پڻ حل گهرن ٿيون.؟؟ انڪري اسان جي حڪومتي.ادارتي ۽ سياسي قيادتن کي اهم ڪردار ادا ڪندي مٿين فڪر انگيز ڳالهين تي عمل ڪرڻ لاءِ هڪ ٿيٽو پوندو جي نه ته پوءِ هنن حالتن جا اڳتي زميوار اهل فڪر ۽ اهل دانش نه پر اهل اختيار ۽ اهل زميوار پڻ هوندا.

پاپوهي هيڪار، مون کان پُڇيو سَڄڻين:
اَلَستُ بِرَبِّڪُم، چَيائون جنهن وارَ:
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪون نه لهي.

## آخر تبديلي ۽ سڌاري جا آثار نظر ڇو نه ٿا اچن؟

عبدالرئوف فاروقي

اليڪشن جي آمد آهي ۽ هر پارٽي ڪاميابي لاءِ منصوبا بندي ۽ حڪمت عملي جوڙڻ ۾ مصروف آهي. هر ڪوئي پنهنجي ليڊرن جا نعرا لڳائي ٿو. پارٽي اڳواڻ به ماضي جيان عوام کي پڪ ڏياري رهيا آهن ته "اسان ضرور اوهان جي حقن جي پاسداري ڪنداسين. توهان جا ٻيڙا پار لڳائينداسين. توهان جي ڪلهن جا بار هلڪا ٿيندا. جڏهن اسان اينداسين ته اوهان غربت مان نڪري خوشحالي ۾ اچي ويندا. لوڊشيڊنگ ختم ٿي ويندي. پيٽرول سستو ٿيندو. چنڊ ۽ ستارن کي اوهان جي هٿن ۾ رکيو ويندو" وغيره وغيره

جيڪي انقلاب ماضي جي حڪمرانن آندا آهن انهن کان عوام الناس بخوبي واقف آهي. انهن جيڪو ڦريو لٽيو آهي اهو ڪنهن کان وسريو ناهي. انهن جا ڪجهه نه ڪيو آهي. بک. بدحالي. رشوت. فساد ۽ بدعنواني جي جيڪا بازار گرم ڪئي وئي اها وساري نه ٿي سگهجي. هنن غريبن سان فراڊ ڪيا. مسڪينن جا اجها ڊاهي پٽ ڪري پنهنجا بنگلا ۽ ڪارخانا ٺاهيا. جن غريب عوام سان ڏاڍ ڪيو. اهو ته سڀ ڄاڻن ٿا پر هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا هاڻي به انهن جي غلامي ماضي جيان قبول ڪنداسين؟ يا ڪي انقلابي قدم کڻي چوڌرين. نوابن ۽ ڪوڙن وڏيرن کي ضمير جو سودو ڪري ووٽ ڏئي پنهنجو آقا بڻائي سندن غلامي قبولينداسين.

آخر اها صبح بهار ڪڏهن ٿيندي جو هي عوام سک جو ساهه کڻندو هي پهاڪو مشهور آهي ته "آزمايل کي آزمائڻ ڇائي پائڻ" آهي واعدا ته هر اميدوار ڪري ٿو پر اقتدار جي نشي ۾ اچي ڪيل واعدا وساري ڇڏين ٿا جو اچي اقتدار جو وقت پورو ٿيو وڃي پوءِ واپس ڳوٺ موٽي مارئڙن سان سندن پوئينرن جي فوتگي جون تعزيتون به ڪن ٿا.

اسين صرف هڪ صوبي جي ڳالهه نه پر مجموعي طور پوري ملڪ جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون. عالم سڳورا به چون ٿا ته "اسان کي ڪترايو ته انقلاب آڻينداسين" نواب به چون ٿا ته "اسان هارايو ته توهان جو خير ناهي" توڙي جو اليڪشن کان اڳ ۾ نگران حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان وڏي حڪمت عملي جوڙي ٿي پو پوءِ به بوتل ۾ بند جنات اقتدار تي قابض ٿي وڃي ٿي. دنيا ۾ ڪهڙي به ملڪ ۾ اهڙي انڌيرنگري ڪونهي جهڙي اسان جي ملڪ ۾ آهي. محترمه بينظير ڀٽو جيڪو اٽي، لٽي ۽ اجهي جو نعرو هڻندي هئي ان جي پاسداري به ڪئي. توڙي اقتدار ۾ نه هوندي به وس آهر مسڪينن جي امداد ڪندي رهندي هئي. بيبي صاحبه کي پنهنجي مارئڙن سان بي پناهه محبت هئي. ان رستي ۾ جدوجهد ڪندي هن جان جو نذرانو به پيش ڪيو پر آمريت کي سرعام چيلينج به ڪيو. هن وقت ڪو به سياستدان تقرير ڪندو آهي ته ٻڌائيندو به آهي ته "اسان توهان لاءِ هي ڪم ڪيو. هي ڪم ڪيو" توڙي جو اها حقيقت به هوندي آهي پر شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه ڪڏهن به ائين احسان نه جتايو ۽ نه ئي ڪيل همدردي جا مهڻا ڏنا. بيشڪ اهو جيڪو سٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب کان هلندو هلندو اچي اڄ جي نوجوان سنڌس ڏوهٽي بلاول ڀٽو سان ڪاروان روان دوان آهي ۽ اهو سوپارو به ٿيندو. هي جوان هن ملڪ کي بدحالي مان ڪڍي امن ۽ خوشحالي ڏانهن وٺي هلندو. پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد انساني همدردي سان جڙيل آهي.

اسين صرف اهو چاهيون ٿا ته ملڪ ۾ خوشحالي اچي. ميرٽ جي لتاڙ نه ٿئي. ڪنهن تي ظلم نه ٿئي. بنيادي حقن جي لتاڙ نه ٿئي. ڪمزور تي زور نه آزمايو وڃي. عورتن جي بنيادي حقن جي پڻ پاسداري ڪئي وڃي. اسلامي اصولن جي پيچڪڙي نه ڪئي وڃي. خوشحالي موٽي اچي ۽ ايندڙ حڪومت اجائي دلاسن بدران عملي طور ڪم ڪري عوام جون دليون کٽي ته جيئن انهن کي ووٽ لاءِ ورڪ نه ڪرڻو پوي.

بقايا 01 ***

۾ لهي هئي. هو ميڊيا ذريعي ڪجهه فيصلن بابت آگاهي ڏيڻ چاهن ٿا. وسيم اختر جي گذريل سال ڪي ايم سي جي آمدني هڪ ڏهائي 2 ارب هئي. ڪراچيءَ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪي ايم سي جي مالي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا. 2023ع جي پهرين ڇهن مهينن ۾ 580 ملين ڪي ايم سي جي آمدني ٿي. سنڌس چوڻ هو ته هو پنجن مهينن ۾ ڪي ايم سي جي روينيو هڪ ارب رپين تائين پهچي وئي. ايندڙ ڇهن مهينن ۾ ٽيڪس نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائيندا. ڪراچيءَ جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته پيپلز پارٽي جو ميئر ۽ پيپلز پارٽي جي انتظاميه ڪم ڪري رهي آهي. فريئر هال 1865ع ۾ عوام لاءِ کوليو ويو. سندن وٽ 1886ع جي ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي تاريخي عمارت آهي. ڪي ايم سي شهرين جي تاريخي ورثي لاءِ سڀ ڪجهه ڪندي.پاڪستان ۾ عجائب گهر ۽ گيلريون آهن هن چيو ته هو ڪراچي ميٽروپوليٽن ميوزيم 1886ع جي ڊينسو هال جي عمارت ۾ ٺاهيندا. ميوزيم جي تعمير جو معاهدو گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ ڪي ايم سي ۾ منظور ڪيو ويو آهي. هن عمارت تي قبضو ڪيو آهي. ميوزيم 23 مارچ کان اڳ عوام لاءِ کوليو ويندو. ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته ماضي ۾ زمين جي رجسٽريشن جو نظام جوڙيو ويو هو. ڪراچيءَ ۾ پهريون ڇم جو سرٽيفڪيٽ ڪڏهن ٺهيو ان جا تفصيل به موجود آهن. هنن موت جي سرٽيفڪيٽ جو رجسٽر پڻ ڪڍيو آهي

246 مان وڌي 276 روپيه، ماش جي دال 366 روپين مان وڌي 520 روپيه ٿي وئي. سال 2023 دوران 90 روپيه في ڪلو ملندڙ ڪنڊ هاڻ 150 روپين ۾ ملي رهي آهي. جڏهن ته 336 روپيه في ڪلو ملندڙ ٿوم هاڻ 552 روپين ۾ ملي رهي آهي. سگريٽ جي قيمتن ۾ به بيٺو اضافو ٿيو ۽ ڪجهن جي قيمتن کي به پر لڳي ويا. هلندڙ سال جي اختتام تي گذريل سال جي مقابلي 70 گرام وهنجڻ جي صابڻ جي قيمت 87 روپين مان وڌي 105 روپيه ٿي وئي جڏهن ته ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ 250 گرام صابڻ جي قيمت 103 روپين مان وڌي 130 روپيه ٿي وئي.

بقايا 04 ***

ته 500 ڪي وي جي هاءِ ٽرانسميشن لائين ۾ ڏماڪو ٿيو هو فني خرابي ڪوهيڙي سبب پيش آئي. اختيارين وڌيڪ ٻڌايو ته باهه تي ڪنٽرول ڪيو ويو آهي پر باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ 500 ڪي وي جون 3 لائنون ٽرپ ڪري ويون آهن جڏهن ته گرڊ اسٽيشن ۾ مرمتي ڪم جاري آهي. اختيارين چيو آهي ته ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، شڪارپور، لاڙڪاڻو، سکر، جعفرآباد، نصيرآباد، اوستا محمد، صحبت پور، بولان، سبي، ڊي جي خان، راجن پور ۽ رحيم يار خان ۾ بجلي معطل آهي جنهن کي بحال ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن.

بقايا 05 ***

جانچ پڙتال جو عمل مڪمل ڪرڻ کان پوءِ اميدوارن جون فهرستون جاري ڪيون ويون. اهڙين فهرستن ۾ نامزدگي ڪاغذ رد ٿيلن ۾ ملڪ جون ڪيتريون ئي وڏيون سياسي

بقايا | سنڌيار | 01

تحويل ۾ ڏنا ويا. ان موقعي تي سي آئي اي پوليس جمعدار نيڪ محمد چانڊيو، غلام مصطفي پان ۽ ٻين ٻڌايو ته ايس ايس پي نوشهروفيروز سهائي عزيز ٽالپر ۽ سي آئي انچارج شهاب الدين ڪولاچي جي سخت هدايتن ۽ ملندڙ خفيه اطلاع تي دادو روڊ تي هڪ ٽرڪ جي تلاشي ورتي وئي جيڪا مردان کان دادو ڏانهن نقلي سگريٽن جا تقريبن 245 ڪارٽون ڪٺي وڃي رهي هئي جنهن کي پڪڙي مورو ٿاڻي تي آندو ويو ۽ سگريٽ لاهي پوليس تحويل ۾ ڏنا ويا آهن جڏهن ته ٻن ڄڻن جاويد خان ۽ ظفر خان کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو ويو آهي ۽ سگريٽ مالڪن خلاف قانوني ڪارروائي ڪندي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سي آئي انچارج شهاب الدين ڪولاچي جو چوڻ هو ته پڪڙ نقلي سگريٽ مردان ۾ ٺهندا آهن ۽ اهي سگريٽ انساني جانيون جا هاجيڪار آهن جن تي پابندي پڻ آهي پر انسان جي جانين کي نقصان پهچائيندڙ خفيه طريقي سان سگريٽ نيڪال ڪرائي رهيا آهن اسان جون ٽيمون مختلف هنڌن تي ڪم ڪري رهيون آهن ۽ انساني جانين لاءِ هاجيڪار شيون وڪرو ڪري رهيا آهن جن خلاف سخت ڪارروايون جاري رهنديون.

بقايا | سنڌيار | 02

چوري ڪئي اهڙي واقعي جي نيو پنڊ ٿاڻي تي اعجاز علي سومرو ناليِ سان چوري جي اين سي نامعلوم چورن خلاف داخل ڪرائي وئي پر پوليس چورن کي گرفتار ڪري نه سگهي متاثر دڪان مالڪ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته چوري واپس ڪرائي موسان انصاف ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 03

ڪامياب ٿي ويا. جڏهن ته اليڪشن ڪمشنر ايڊووڪيٽ اظهر عباسي، معاون ايڊووڪيٽ سيد محمد علي شاه ۽ عاشق ڏاهري جي نگراني ۾ ٿيندڙ اليڪشن ۾ سخت مقابلي بعد نائب صدر عارف قريشي، جنرل سيڪريٽري عبدالسلام انڙ، جوائنٽ سيڪريٽري ارشاد آرائين جڏهن ته ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ۾ رحمت الله سومرو، رحيم بخش جمالي، اياز منگي، آغا اسرار پٺاڻ، عبدالحڪيم جتوئي، عبدالرشيد جامڙو ۽ زاهد نون ڪامياب ٿي ويا.

بقايا | سنڌيار | 04

سريوال سنڌ يار اخبار جو رپورٽر، خزانچي علي نواز ناڻگ، پريس سيڪريٽري مٺل لغاري ۽ ورڪنگ ڪاميٽي تي ابراهيم لغاري کي اتفاق راءِ سان منتخب ڪيو ويو.

بقايا | سنڌيار | 05

آهي ۽ الله سائين اسان جي وطن جي سدائين قائم ۽ آباد رکي. هن وڌيڪ چيو ته اسان کي گڏجي محبت ۽ پاڪستاني سان متحد ٿيڻ گهرجي. نگران وزير اعظم ۽ سنڌ جي نگران وزيراعليٰ ۽ خوبصورتي جو خيال رکڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي ۽ صفائي سٿرائي جو خيال رکڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته عوام کي عرض آهي ته عزت، محبت ۽ ڀائپي سان نئين سال 2024 جون خوشيون ملهايون وڃن.

بقايا | سنڌيار | 06

وڃي سگهن پيا آهن. سردي جي وڌڻ سبب گهرن ۾ محدود شهرجا روڊ ويران سردي سان گڏ بجلي گيس ۽ غائب شهري سخت سهولتن جي کوٽ سبب ڪيترين مشڪلاتن سان منهن ڏيڻ لاءِ تفصيل موجب : 2023 سال جي پڄاڻي 2024 سال جي آمد سان گڏوگڏ سردي جي ۽ شروعات جنوري جي شروعات سان پنهنجو جوبن ڏيکاري رهي آهي. سردي ۽ ڪوئيٽا سردي جو ڪوهيڙي سبب سردي جي شدت ۾ اضافو ٿيو آهي. سردي جي ڪري شهرن جا روڊ ويران ٿي ويا آهن. سياري جي موسم ۾ گيس ۽ بجلي غائب رهڻ سبب شهري سخت مشڪلاتن ۾ آهن ۽ شهرين جي زندگي مفلوج ٿي وئي آهي. شهرين ... گهر ۽ بجلي ۽ گيس سبب ... لڳاتار ڪري لاءِ جوڳا گڏجي ڪم ڪيو وڃي سگهجن.

بقايا | سنڌيار | 07

سلسلو ايس يو جتوئي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ جاري رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي ڪئي وئي. احتجاج ۾ سکر پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ميمبرن ... جوائنٽ سيڪريٽري ... خالد ... عبدالغفور ... سومرو ... شيخ ... ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي صحافي اڳواڻن چيو ته شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي اڃان تائين گرفتار نه ڪيو ويو آهي. 140 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس ۽ حڪومت صحافين کي انصاف ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي. جيستائين قاتل گرفتار نه ٿيندا تيستائين احتجاجي تحريڪ جاري رهندي.

ڊس ۾ ملڪ گير مظاهرن ۽ سڄي سنڌ جي پريس ڪلبن ٻاهران علامتي بک هڙتال بعد 6 جنوري 2024 تي سکر پريس ڪلب ۾ آل سنڌ جرنلسٽ ڪنوينشن منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي سوگهو ٿيڻ تائين احتجاجي تحريڪ بابت وڌيڪ حڪمت عملي جوڙي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 08

بلالاڻي ضلع ڪائونسل وائيس چيئرمين ميرزاهد ٽالپر رئيس سومار چانڊيو صحافي عمر ساگر لاشاري سماجي اڳواڻ سيد معشوق علي شاه سميت ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم جو تعزيتي ٽڏو فضل پنيرو ۾ ڪيو ويو آهي جتي پ پ اڳواڻ نياز پنيرو سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا | سنڌيار | 09

محرم علي ملاح جنرل سيڪريٽري عبدالعظيم جمالي جوائنٽ سيڪريٽري محمد اشرف بجير اطلاع سيڪريٽري جاويد ڪنير خزانچي ڪيول رام آڊيٽر تبسم بلوچ ۽ ايگزيڪٽو ڪميٽي لاءِ مختيار چانڊيو وسيم جمالي ريڏنو نوتيار فرمان جمالي الهبچايو جمالي چونڊيا ويا

بقايا | سنڌيار | 10

جي شروعات تي پنهنجي جاري ڪيل پيغام ۾ پوري پاڪستاني قوم سميت واٽر ڪارپوريشن جي سمورن آفيسرن ۽ ملازمن کي مبارڪباد ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو اميد آهي ته انشاء الله نئون سال پوري عالم انسانيت سميت وطن عزيز پاڪستان جي ترقي، خوشحالي، امن ۽ بهتري سميت ملڪي معيشت جي مضبوطي جو سال ثابت ٿيندو. هنن چيو ته واٽر ڪارپوريشن پنهنجي محدود وسيلن باوجود به نئين عزم ۽ نئين سجاڳي سان شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي ۽ ان حوالي سان واٽر ڪارپوريشن نئين سال ۾ شهرين جي بهتري لاءِ نون منصوبن تحت شهرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي. هنن دعا ڪئي ته رب العزت کان دعا آهي ته اسان جي پياري وطن پاڪستان کي ترقي، خوشحالي، سالميت سان نوازي ۽ سمورين قدرتي آفتن سميت ٻين وبائي مرضن کان پناه ۾ رکي آمين.

بقايا | سنڌيار | 11

اطلاع ڏنو آهي ته پوليس هن وقت تائين مغوي جو پتو ناهي لڳائي سگهي جڏهن ته پاسي ڳوٺ عارب خان بحراڻي جو رهواسي 20 ورهين جو نوجوان غلام مرتضيٰ بحراڻي ڪجهه ڏينهن اڳ تڪراري زمين تان هٿيارن جي زور تي اغوا ڪيو ويو ... غوث پور جي ڳوٺ ... علائقي ۾ ... فون ... مغوي جي ... لک روپيا ... رقم نه ... جنهن ... پوليس ... وارثن ... ڏينهن ... انصاف ... ڪري ... جي

بقايا | سنڌيار | 12

زيادتي جي ڪوشش ڪئي نينگر جي دانهن تي سنڌس وارث پهتا ۽ جوابدار ڀڄي ويو ... پوليس ... دوران ... نينگر جي والد ... ٿانهيو ... چوڪ ... آهي ... سائٽس ... ڪوشش ... فرار ... جي

بقايا | سنڌيار | 13

فرزند صاحبزاده سائين نعمان ثابت طاهري جي دعوت وليمه ۾ جماعت اصلاح المسلمين پاڪستان جي مرڪزي صدر صاحبزاده سائين جعفر ... طاهر، جماعت اصلاح المسلمين پاڪستان، جمعيت علماء طاهريه پاڪستان، جماعت ... صوبائي عهديدارن، درگاهن جي گادي نشينن، سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 14

رهي ڪيس پل پل جي رپورٽ ڏيندا رهن. جيئن فائرنگ ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ٿي سگهي. ايس ايس

پي ٽئو چيو ته عوام به پوليس سان مڪمل تعاون ڪري هوائي فائرنگ ڪندڙن جي نشاندهي ڪري ون فائيو تي اطلاع ڏي جيئن انهن خلاف بروقت ڪاروائي ڪري سگهجي. هن چيو ته هوائي فائرنگ ڪندڙ مٿان داخل قتل ڪيس جي سزا 10 سال قيد اهي. ڇاڪاڻ جو فائرنگ هڪ جان ليوا عمل اهي. جنهن ڪان هرماڻهون کي پاسيرو رهڻ گهرجي. هن والدين کي پڻ تاڪيد ڪئي ته هو پنهنجي نوجوانن تي نظر رکي ڪين موٽر سائيڪل توڙي هٿيار ڪٽڻ نه ڏين. چو جو وري پريشاني به والدين کي ٿيندي.

بقايا | سنڌيار | 15

شهر مان روزانو چوريون. ڦرلٽ. سلسلو جاري آهي. ايس ايچ او صحافين تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري حق ۽ سچ جي آواز کي دٻائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي. بدمعاش پوليس ايس ايچ او صحافي خلاف روينيو ڪالوني مان چوري جي الزام ۾ صحافي زميرلنڊ خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو آهي. صحافي جي گرفتار خلاف يونس راڄپر ساگر يوسف منگي. امتياز سومرو مولا بخش مشوري خالد چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري پوليس جي ناجائزين خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن چيو ته صحافي ماجد ٽگڙ تي هڪ هفتو اڳ ڪوڙو ڪيس داخل ڪيوويو ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته صحافين کي نشانو بنايو پيو وڃي هنن مطالبو ڪيو ته ايس ايچ او نوشهروفيروز کي فوري طور هٽايو وڃي ٻي صورت ۾ هو ڊي پي او آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 16

اهڙو اطلاع بروقت ڳاڙهو پوليس کي ڏنو ويو. فوري طور ڊي ايس پي ڳاڙهو ميان اظهر حسين سمون ۽ ايس ايچ او ڳاڙهو سائين ڏنو ٻرڙو جي اڳواڻيءَ ۾ ڳاڙهو پوليس مختلف هنڌن تي ناڪابندي ڪئي ته جوابدارن موٽرسائيڪل اونا موري جي ٻرسان ڇڏي فرار ٿي ويا. پوليس موٽر سائيڪل هٿ ڪري وڌيڪ جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ٻي پاسي ڊي ايس پي ڳاڙهو ۽ ايس ايچ او ڳاڙهو جي اهڙي ڪاروائي جي هتان جي سياسي سماجي ڌرين واکاڻ ڪندي چيو آهي ته سندن مقرر ٿيڻ ڪانپوءِ پوري علائقي ۾ امن امان بحال ٿيو آهي ۽ سندن بهترين ڪارڪردگي رهي آهي.

بقايا | سنڌيار | 17

پريس ڪلب جو صدر مسرت علي مهر سينيئر نائب صدر عبدالحليم مهرنائب صدر اسلم مهر. امجد ڪلوڙ جنرل سيڪريٽري نذير احمد لانگا جوائنٽ سيڪريٽري ياسين ابڙو خزانچي آصف ڪلوڙ. اطلاعات سيڪريٽري رياض مهر پريس سيڪريٽري غلام رسول مهر آفيس سيڪريٽري عبدالحفيظ ابڙو ميمبر ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي منصف ابڙو فياض سهتو اسد گهنجون عابد مهر چونڊجي ويا عادلپور پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن کي سياسي سماجي اڳواڻن پاران مبارڪون ڏنيون ويون

بقايا | سنڌيار | 18

ڪائونسل جي اليڪشن ۾ حصو نه وٺي سگهندو. اهڙي رٽ اجلاس ۾ سمورن ميمبرن پاس ڪرائي ورتي. عهديدارن ۾ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جو موجوده صدر محمد اسماعيل جتوئي. نائب صدر انجنيئر جاويد احمد شيخ. سيڪريٽري محمد حنيف سهاڳ. خزانچي عبدالنبي ساريو. ڊپٽي سيڪريٽري شمس سولنگي. فوٽو گرافي چيئرمين نديم اختر سومرو. ميوزڪ چيئرمين عاشق نظاماڻي. ڊراما چيئرمين امجد گل سومرو. لائبريري چيئرمين ناظم چانڊيو. پريس ۽ پبلسٽي چيئرمين برڪت گاد موجود هئا. ان موقعي تي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي سيڪريٽري محمد حنيف سهاڳ آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻو ۾ سڄي سال ۾ ٿيل پروگرامن جو تفصيل ٻڌايو. آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي خزانچي عبدالنبي ساريو سڄي سال ۾ ٿيل خرچ جو تفصيلي پيپرلڪت ۾ ميمبرن جي حوالي ڪيا ۽ پڻ پڙهي ٻڌايو. آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي صدر محمد اسماعيل جتوئي خطاب ڪندي چيو ته آءِ اڪيلي سر ڪجھ به نه ٿو ڪري سگهان. مون کي منهنجي چيئرمينن جو ساٿ ۽ اوهان ميمبرن ساٿ گهرجي. آءِ اوهان کي يقين ڏياريان ٿو ته آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو کي بهتر کان بهتر بڻائينداسين. منهنجا ساٿي چيئرمين جنهن عاشق نظاماڻي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو ۾ ميوزڪ اسڪول جو قيام رکيو ۽ انهن شاگردن کي نوڪريون پڻ وٺي ڏنيون. ان کان علاوه ناظم چانڊيو. امجد گل سومرو. برڪت گاد. نديم اختر سومرو. سليم شاه. سڪندر عباسي اهي سمورا چيئرمين پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ڪري رهيا آهن. آءِ تمام گهڻو خوش آهيان. باقي منهنجي ڪوشش آهي ته آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي بجيٽ وڌيڪ پاس ڪرايان ته جيئن آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻو ۾ وڌيڪ پروگرام ٿين ۽ آرٽسٽن کي مالي طور مدد ملي. هن وڌيڪ چيو ته ماضيءَ ۾ غريب فنڪارن جي ڪا به مالي مدد ڪو نه ٿيندي هئي. هينئر مون ڪوشش ڪري 40 غريب فنڪارن کي وظيفا. علاج. ٽوڙي نياڻين جي ڏاج لاءِ ثقافت کاتي کان وٺي ڏنا آهن. اجلاس جي ڪارروائي مشتاق تنيو هلائي. عاشق نظاماڻي شاه سائين جي وائي پڙهي. صفت شاه نعت مقبول پڙهي ۽ فنڪار شيراز عباسي شاه

سائين جو ڪلام پڙهيو. آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي ساليانى جنرل باڊي جي اجلاس ۾ رٽ پاس ڪرائي وئي ته جعلي ميمبرن جي ميمبرشپ ختم ڪري ڪين اعزازي ميمبر بڻائي ووٽ ڏيڻ جو حق نه هوندو ۽ لائيف ٽائيم ميمبر آرٽس ڪائونسل جي اليڪشن ۾ حصو نه وٺي سگهندو. اهڙي رٽ اجلاس ۾ سمورن ميمبرن پاس ڪرائي ورتي آهي.

بقايا | سنڌيار | 19

اهم انڪشاف ٿيا آهن جڏهن ته حقدار رشوت نه ڏيڻ سبب در در جون ٺوڪرون ڪائڻ لڳا آهن جڏهن ته ڊائريڪٽر نصير احمد جوڻجي صرف ۽ صرف ڪارو ناڻو ڪمائڻ ۾ مصروف آهي ايف آءِ اي نيب اينٽي ڪرپشن نگران وزيراعلي سنڌ ۽ ٻيا وسوارا ادارا جيڪڏهن تحقيقات ڪن ته وڏا ڦات ڦاٽندا ان لاءِ لاڳاپيل ادارن کي اپيل آهي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن نصير احمد جوڻجي ۽ سندس ساٿاري عملي پاران ڪيل جعلي پروموشن رد ڪري ڪيل رشوتخوري ۽ ڪرپشن بند ڪرائي سندن مٿان قانوني ڪاروائي ڪري حق وارن کي حق ڏياريو وڃي

بقايا | سنڌيار | 20

خبر موجب جيڪب آباد جي اڳوڻي ايم اين اي. اڳوڻي سينيٽ چيئرمين سردار محمد ميان سومرو پنهنجي ٽيم سان گڏجي مرحوم صحافي اشرف جان بروهي جي پوئترن سندس چاچي عبدالفتاح لهڙي. حاجي عبدالرحمان لهڙي سان گهر پهچي تعزيت ڪئي ان دوران سائنس سردار سخي عبدالرزاق ڪوسو. مير اصغر خان پنهور. حاجي محمد انور رند. حاجي غلام نبي رند. محمد انور سومرو. ذوالفقار علي سومرو گڏ هئا جن به مرحوم صحافي اشرف جان بروهي جي لاءِ دعا مغفرت گهري. ان دوران سردار محمد ميان سومرو جو چوڻ هو ته مرحوم اشرف جان بروهي صحافتي صف جو بهترين ڪردار هو جنهن بنا ڪنهن لالچ جي مظلوم عوام جو آواز بلند ڪيو هن وڌيڪ چيو ته مرحوم صحافي اشرف جان بروهي جي وڇوڙي تي دلي صدمو رسيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 21

۽ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ائڊوڪيٽ ياسين لغاري، ڊاڪٽر عبدالرحمان لغاري، غلام رسول لغاري، عمران عظيم، عبدالغفار لغاري سميت استادن شاگردن شاگرديائين ۽ والدين شرڪت ڪئي. انهي موقعي تي شعيب لغاري ياسرلغاري ۽ ٻين طرفان امتحان ۾ پوزيشنون حاصل ڪندڙ شاگردن توڙي شاگردياڻين ۾ ٽرافيون تمغا پاس سرٽيفڪيٽ ۽ مارڪشيٽون پڻ تقسيم ڪيون ويون.

بقايا | سنڌيار | 22

مقرر 10 اورن ۾ 65 رنسن جو ٽارگيٽ ڏنو جڏهن ته ٽارگيٽ جو پيڇو ڪندي حاجي بقا پلي ٽيم 7 اورن ۾ فائنل کٽي ٽورنامينٽ جو چيمپئن بڻجي ويئي ۽ رانديگرن طرفان خوشي جو اظهار ڪيو ويو پنجون شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ۾ علائقي جي ٽوٽل 20 ٽيمن حصو ورتو فائنل مئچ ۾ ونر ۽ رنر ٽيمن کي مهمان خاص ضلعي چيئرمين محمد بقا پلي خانصاحب حسن رسول پلي. حاجي معشوق پلي. الهورايو پلي. منظور پلي. پير بخش هاليپوٽو. نور محمد هاليپوٽو. پٽو پلي. علي حسن لاشاري. مجيب ٽيبو. واحد ڏنو پلي. حاجي ابراهيم چاچڙ ۽ ٻين پاران ڪيش انعام ۽ ٽرافيون ڏنيون ويون ڪامياب ٽورنامينٽ ڪرائڻ تي آرگنائيزيشن کي پڻ مبارڪباد ڏني.

بقايا | سنڌيار | 23

تعلقي جي ٻن ڳوٺن ڪلادي ۽ اسماعيل لباٽو ۾ وومين ائگريڪلچر ورڪرس ڪائونسل جي ميمبرن سان گڏجاڻيون ڪيون. ناري فائونڊيشن.آواز فائونڊيشن ۽ فورم ايشيا جي تعاون سان سنڌ وومينز ايگريڪلچر ورڪرس رائٽس ايڪٽ 2019ع تي عمل جي حوالي سان سڪرضلعي جي ڳوٺن ۾ ناهيل وومين ايگريڪلچر ورڪرس تنظيمن جي ميمبرن سان بي گڏجاڻي ڪئي. گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ناري فائونڊيشن جي چيئرپرسن افشان اصغر ۽ ايگزيڪٽو ڊئريڪٽر انور علي مهر چيو ته هن گڏجاڻي جو مقصد عورتن کي امپاور ڪرڻ ۽ انهن کي سندن حقن، تعليم، صحت، بجلي، صاف پاڻي، خوراڪ ۽ ووٽ جي اهميت بابت ڄاڻ ڏيڻ آهي. هن پروجيڪٽ تحت ضلعي سڪرجي ٻن يونين ڪائونسلن ڪوٽ بلاءِ تماچاڻي جي چئن ڳوٺن مان 100 عورتن کي انساني حقن ،زراعت، وومين ايگريڪلچر ايڪٽ تي عمل ڪرائڻ متعلق تربيت ڏئي آگاهي مهم هلائي پئي وڃي ته جيئن اهي زمينن ۾ ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ، هاري تنظيمون ٺاهڻ، مزدوري جي اجرت وڌائڻ ۽ پنهنجي ذاتي حفاظت جو خيال رکي سگهن. پروجيڪٽ جي پروگرام آفيسر فوزيا ۽ ناري فائونڊيشن جي ڪنسلٽنٽ شازيا عباسي چيو ته هن پروجيڪٽ تحت هاري ۽ مزدور عورتن جي اجرت وڌائڻ لاءِ ضلعي کان صوبائي سطح تائين ايڊووڪيسي مهم هلائي پئي وڃي ته جيئن هاري عورتن لاءِ بهتر ماحول جوڙي سگهجي. ان سان گڏوگڏ هاري عورتن. سول سوسائٽي جي نمائندن. ڊسٽرڪٽ ايڊوائيزري پينل جي ميمبرن ۽ مختلف اسٽيڪ هولڊرس جي ڪيپيسٽي بلڊنگ پڻ ڪئي ويندي. ميٽنگ ۾ عذرا،اشرف خاتون، شهناز ۽ ٻين هاري عورتن چيو ته هن وقت اليڪشن جو دور آهي عورتن جو ووٽ ان اميدوار کي هوندو جيڪو ڳوٺن ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪندو ۽

وومين ايگريڪلچر ورڪرس رائٽس ايڪٽ 2019ع جا رول آف بزنس ٺهرائي ان کي اسيمبلي م مان پاس ڪرائي ان تي عمل ڪرائيندو.

بقايا | سنڌيار | 24

ڄڻن کي فزيڪل ٽريننگ سان گڏ فٽبال راند جي ٽريننگ سان گڏوگڏ جسماني فٽنس جي ٽريننگ پڻ ڏني وئي فيسٽول پاڪستان ۾ فيفا جي سفير مديحه جاکرو ۽ سندس ٽيم پاران منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٻارن جي وڏي انگ ٽريننگ حاصل ڪئي. پروگرام جي خاص مهمان ضلعي اسپورٽس آفيسر اظهر بروهي. سماجي ورڪر ميڊم حميرا علي. صفدر ٿٽوي. مرزا ثمر حسن بيگ راشد جاکرو ۽ ٻيا هئا. پروگرام جي پڄاڻي تي سمورن رانديگرن ۽ آفيسرن ۾ انعام ورهايا ويا. ميڊيا سان ڳالهائيندي فيسٽيول جي آرگنائيزر مديحه جاکرو ۽ سماجي اڳواڻ ميڊم حميرا علي چيو ته اسان جو مقصد اهو آهي ته جيڪي ٻار گهرن يا اسڪولن تائين محدود آهن ۽ انهن ۾ ٽيلينٽ آهي. انهن کي نه رڳو سنڌ پر پر سڄي سنڌ ۾ اڳتي آندو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 25

علي وگهيو . آفيس سيڪريٽري محمود پاٽٿي چونڊجي ويا چونڊجي آيل باڊي کي اليڪشن ڪمشنر پاران حلف برداري تقريب به ڪرائي وئي اولهه پريس ڪلب طرفان چيف اليڪشن ڪمشنر الاهي بخش سولنگي ۽ ڪمشنر عالم خان اوڍهو.وڏيرو رستم کي سنڌ جي سوڪڙي اجرڪن جو تحفو ڏنو ويو نئي چونڊجي آيل باڊي جي عهديدارن کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون ان موقعي تي اولهه پريس پريس ڪلب جي صدر محمد اصغر پاٽٿي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر عبدالعليم ميمڻ ڳالهائيندي چيو ته هن سال اسان اولهه ضلعي جي ننڍن وڏن ڳوٺن توڙي شهرن ۾ عوامي عدالتون لڳائي عوام جي مسئلن کي اجاگر ڪنداسين .اولهه پريس ڪلب هميشه مظلومن جو آواز بڻيو آهي ۽ بڻجنداسين پريس ڪلب جي هر وقت ايڪٽوٽيم پنهنجي وس آهر ڪراچي جي اولهه ضلعي سميت سينٽرل . ملير ۽ اوير ضلعي جي به نمائندگي ڪئي آهي ۽ عوامي مسئلن کي اعلي ايوانن تائين پهچائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي صحافي جو ڪم آهي آئينو ڏيکارڻ معاشري مان برائين جي جي نشاندهي ڪرڻ ۽ اسان هميشه پنهنجن ماروئڙن جي ڏکن سورن ۾ گڏ رهيا آهيون ۽ گڏ رهنداسين اولهه پريس هميشه مظلوم عوام جو سگهارو آواز بڻيو آهي ۽ بڻيو رهندو ان موقعي تي ايگزيڪيٽو ڪميٽي جي ميمبر عبدالوهاب ڀهوڙ. ذوالفقار صديقي. امداد لغاري. سردار مگسي. فداحسين پنهور. موسي چنه. اقبال خاصخيلي. غلام مصطفي پاٽٿي. محمد حنيف شيراني. ۽ ٻيا موجود هيا

بقايا | سنڌيار | 26

ذوالفقار علي پنهور سلار علي پنهور اشرف شيخ امتياز ذاوچ غلام قادر ملاح محبوب سومرو موبائيل مارڪيٽ اڳواڻ اقبال قريشي سيد غضنفر شاه سيد حامد شاه شادي خان پنهور اظهر قربان علي پنهور خليل رحمن جتوئي راجا قريشي ايس يو پي تعلقي صدر سجاد علي پنهور بابر ٺهيم هيومن رائٽس ڪائونسل پاڪستان ضلع اڳواڻ فياض ڏاوچ خالد شيخ شعبان شاهاڻي تحريڪ لبيڪ پاڪستان دادو جي اڳواڻ حافظ راشد رضوي صادق مري عجيب ڀير شهزاد علي پنهور نويد پنهور مشتاق جتوئي سيد سليمان شاه ۽ ٻين شهرين ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو ته سياري جي موسم شروع ٿيندي ئي سيپڪو اختيارين پاران بدترين بجلي جي لوڊشيڊنگ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. دادو شهر ۾ 16 ڪلاڪن کان 18 ڪلاڪن تائين بجلي بند رهڻ سبب لکين شهري وڏي اذيت ۾ مبتلا ٿي ويا آهن اڪثر ماڻهن جي گهرن مان پاڻي ختم ٿيڻ سبب آفيسن. اسڪولن ۾ ويندڙ ملازمن ۽ شاگردن کي انتهائي سخت تڪليف سان منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ته ٻئي طرف ٽيڪنيڪل شاپ تي ڪم ڪندڙ سوين پورهيت پڻ روزگار کان محروم بڻجي ويا آهن اهڙي طرح آفيسن ۾ پڻ ڪم ڪار متاثر ٿي رهيو ۽ ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي جڏهن ته بجلي بند رهڻ ڪري مسجدن ۾ وضوءِ لاءِ پاڻي نه هجڻ ڪري نمازي سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن ٻئي طرف دادو شهر ۾ سوئي سدرن گئس انتظاميه پاران گئس جي بدترين لوڊشيڊنگ ۽ پريشر گهٽ ڪرڻ سبب لکين شهرين کي انتهائي سخت مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي شهرين جو جيئڻ جنجال ٿي ويو. صبح جو اسڪول ويندڙ معصوم ٻارڙا. شهري توڙي ٻيا ملازم بنا نيرن جي اسڪول ۽ پنهنجي آفيسن ۾ وڃڻ لڳا اها سيني کي خبر آهي ته دادو ضلعو قدرتي وسيلن ۽ خزانن سان مالا مال آهي دادو ضلعي جي چئن تعلقن جي مختلف علائقن ۾ وڪ وڪ تي گئس ڪمپنيون موجود آهن ٿيڻ ائين گهرجي ته دادو ضلعي جي عوام کي سڀ کان پهريان گئس جي سهولت. بيروزگار کي روزگار ڪمپنين ۾ ملڻ گهرجي پر افسوس ته گئس ڪمپني پرسان مختلف ڳوٺن کي ته گئس جي سهولت ئي موجود نه آهي مٿان وري دادو شهر ۽ آس پاس جي علائقن ۾ گذريل هفتن کان اڻ اعلانيل هٿرادو لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي ٿي عوام جي دانهڻ باوجود نوٽيس نٿو ورتو وڃي جيڪو عوام سان سراسر ظلم آهي دادو شهر ۾ گئس جي

لوڊشيڊنگ جي ڪري شهري ڪائيون خريد ڪري ان تي رڌ پچاءُ ڪرڻ تي مجبور آهن اسين اعليٰ اختيارين کي پرزور اپيل ٿا ڪريون هنن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 27

225ٺٽو. PS 75ٺٽو ۽ PS 76 ميرپور ساڪرو تي نامزدگي فارم جمع ڪرائيندڙ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوار پاڪستان تحريڪ انصاف حيدرآباد ڊويزن جي سينيئر نائب صدر رئيس ارسلان خان بروهي جي نامزدگي فارم مختلف جواز ڄاڻائي ڪن سبب ڪري رد ڪري ڇڏيا آهن. جنهن ڪري PTIاڳواڻن ۽ ڪارڪن ۾ سخت بيچيني ڦهليل اهي. ان سلسلي ۾ NA 225ٺٽو. PS 75ٺٽو ۽ PS 76ميرپور ساڪرو تڪ تان نامزدگي فارم رد ڪيل PTIاميدوار رئيس ارسلان خان بروهي صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هن ملڪ ۾ جمهوريت جو رڳو ڊونگ رچايو ويو اهي. هتي ڪنهن کي به آزادي سان جيئڻ جو حق نٿو ڏنو وڃي ۽ نه ئي مخالف اميدوارن کي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ٿي ڏني وڃي. هن چيو ته اليڪشن ۾ هر ماڻهون حصو وٺي سگهي ٿو. جيڪو ان جو قانوني حق آهي. پر هتي ان جي ابتڙ ڪم ڪيو ٿو وڃي. PTI اڳواڻ رئيس ارسلان خان بروهي چيو هن پڻ اليڪشن ۾ حصو وٺي ضلعي ٺٽي جي هڪ قومي ۽ ٻن صوبائي تڪن تي فارم جمع ڪرايا آهن. جن جون سموريون گهرجون پوريون ڪرڻ باوجود سندس ٽنهي تڪن تي نامزدگي فارم رد ڪري سائنس وٺي ناانصافي ڪئي ويئي اهي. جنهن عمل خلاف هاءِ ڪورٽ ڪان ويندي سپريم ڪورٽ تائين به وڃڻو پيو ته ضرور ويندس. هن الزام هڻندي چيو ته منهنجي خلاف سياسي ماڻهن جي چرچ تي انتقامي ڪارروايون ڪرايون پيون وڃن. جيڪو عمل برداشت ڪان ٻاهر هجڻ سان گڏ مذمت جوڳو اهي. هن چيو ته مون جيتريون نامينيشن فارم ۾ گهرجون پوريون ڪيون آهن. اوتريون ڪنهن به اميدوار ناهن پوريون ڪيون. پر انهن خلاف نه ڪاروائي ٿي ٿئي ۽ نه ئي انهن جا ڪي فارم رد ٿا ٿين. رڳو مونسان ايتري ناانصافي ڇو آهي. هن چيو ته سائنس ٿيل ناانصافي جي ازالي لاءِ هاءِ ڪورٽ سميت سپريم ڪورٽ ۾ پڻ ويندس. هن گهر ڪئي ته سائنس انصاف ڪري سندس رد ٿيل سمورا نامزدگي فارم بحال ڪري ڪيس پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 28

بي پاليسي ملڪ جي آئين جي لتاڙ. ڪي ايس پي پاليسي ختم ڪرڻ جو مطالبو. ريلي ۾ شاگردن جي وڏي انگ ۾ شرڪت. ريلي جي اڳواڻي سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر عاطف ملاح. مرڪزي جنرل سيڪريٽري غلام علي زئور. ڪبير پيل. نويد عباس ڪلهوڙو. نوروز ڪلمتي. علي رضا جلباڻي. مرتضيٰ چانڊيو. اياز صالح پليجو. دلدار نوحاڻي. جميل ملاح. مجاهد بلوچ. پورا لال پيل. حزب ڪوسو ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر عاطف ملاح چيو ته ڪراچي يونيورسٽي داخلائن لاءِ ڪي ايس پي پاليسي متعارف ڪرائي آهي. جيڪا سنڌ جي اهل شاگردن سان سراسر ناانصافي آهي. ڪي ايس پي پاليسي وسيلي قابليت ۽ اهليت جي بدران جغرافيائي بنياد جي داخلائون ڏيڻ ميرٽ جو قتلام آهي. ڪي ايس پي پاليسي تحت سنڌين کي پنهنجي ئي شهر مان ٻي دخل ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته ڪي ايس پي پاليسي ملڪ جي آئين جي آرٽيڪل 25 جي ڀڃڪڙي آهي ڇاڪاڻ ته ان آرٽيڪل ۾ ملڪ جي سيني شهرين کي بنا ڪنهن فرق جي برابر جا حق ڏنا ويا آهن. بغير ڪنهن جنس. نسل. نسل يا طبقي جي. ڪي ايس پي پاليسي هائير ايجوڪيشن ڪميشن هيڪ جي پاليسي جي به خلاف آهي جنهن وسيلي هيڪ سيني

شهرين کي برابر جي بنياد تي اعلي تعليم کي فروغ ڏيڻ جي ذميوار آهي. هن وڌيڪ چيو ته گذريل سال پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيوايم جي وچ ۾ ٿيل معاهدي جي نتيجي ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي قانون واري شعبي ۾ به ڪي ايس پي پاليسي لاڳو ڪئي وئي آهي. پيپلز پارٽي سمورن سنڌ دشمن منصوبن ۾ عوام دشمن قوتن جي ساٿاري بڻيل آهي. سنڌي شاگرد تحريڪ مطالبو ٿي ڪري ته ڪراچي يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ لاڳو ڪيل ڪي ايس پي پاليسي فوري طور ختم ڪري سنڌ جي شاگردن کي ڪراچي يونيورسٽي ۾ اوليت جي بنياد تي داخلائون ڏنيون وڃن. غلام علي زئور چيو ته ڪراچي جي تعليمي ادارن ۾ شاگردن کي هاسٽلن. پوائنٽ بسن سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ڪبير پيل چيو ته اسان جي ڌرتي ۽ اسان جي شهر ڪراچي ۾ اسان سنڌين جا پڙهائي لاءِ دروازا بند هجن ان کان مٿي ٻي ڪهڙي زيادتي ۽ ظلم هوندو. نويد عباس ڪلهوڙو چيو ته ملڪ جي ٻي ڪنهن به يونيورسٽي ۾ ڪي ايس پي جهڙي پاليسي نه آهي. ڪي ايس پي پاليسي وسيلي ڪراچي جي تعليمي ادارن ۾ سنڌي شاگردن جي رستا روڪ ڪئي پئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 29

ورڪنگ ڪاميٽي چيئرمين سڪندر ڪرل جي زيرنگراني ۾ ٿي گذريون جنهن ۾ صدرغلام شبير جعفري. سينئر نائب صدر فاروق احمد دايو. نائب صدر وحيد سولنگي 2 نائب صدر ظفر آزاد صديقي. جنرل سيڪريٽري رضا راڄپر. ڊپٽي جنرل سيڪريٽري فهيم ڏهر. جوائنٽ سيڪريٽري سعيد احمد گهانگهرو پريس سيڪريٽري ثنا الله جامڙو آفيس سيڪريٽري نياز مومن جامڙو خزانچي لال بخش سهتو ورڪنگ ڪاميٽي چيئرمين غلام اڪبر شاهاڻي. ميمبرس صوفي ياسين راڄپر. نانڪ رام. شڪيل احمد شيخ. لياقت علي ميمڻ. عبدالرحيم سولنگي. اسرار عمراڻي. چونڊيا ويا ان موقعي تي صدر غلام شبير جعفري. جنرل سيڪريٽري رضا راڄپر صحافي دوستن کي خطاب ڪندي چيو ته پريس ڪلب راڻيپور جي سينئر سائين اعتماد ڪندي اسان کي عهدن تي ڪامياب ڪيو آهي سندن سان وچن ۽ عهد ٿا ڪريون ته پريس ڪلب جي ڀلائي ڀهبود لاءِ پاڻ پتوڙيو شهر جي غريب ۽ مسڪين ماڻهن جو پرجهلو بڻجي سندن جو آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچائيبو شهر اندر رُڪيل ترقياتي ڪمن جي نشاهندي ڪري آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچائيبو هنن وڌيڪ چيو ته صحافين کي درپيش اينڊڙ ڏکيائين ۽ تڪليفن لاءِ شهرجي سمورن صحافين کي گڏ ڪري هڪ پليٽ فارم تي آڻي باقائد حڪمت عملي جوڙي صحافين جي مالڪي ۽ وارثي ڪئي ويندي. جڏهن ته نئين چونڊيل باڊيءَ کي صحافي اڳواڻن سميت شهر جي سياسي. سماجي اڳواڻن توڙي ڪارڪنن سنڌ جي ثقافت اجرڪ. ٽوپي ۽ گلن جون مالهائون پهرائي مٺايون ڪارائي مبارڪون ڏنيون ويون..

بقايا | سنڌيار | 30

خادم حسين ڪوسو آيل مهمانن کي ويلڪم چئي ڪئي. ڪنٽريبيوشن آبادگار اڳواڻ ڪامريڊ جهنڊو خان لغاري. ميهر خان گاڏهي. سائين رياض ڪوسو. غلام حيدر گهايل لغاري.سائين امين لغاري ڪنٽريبيوشن سان گڏ انقلابي شاعري پڻ پيس ڪئي. بهترين شاعر غلام مرتضي جمالي پڻ انقلابي شاعري پيش. رٽائرڊ استاد ڪامريڊ عزيز الله سومرو پڻ ڪنٽريبيوشن ڪيو جڏهن ته طبقاتي جدوجهد دادو جو اڳواڻ ڪامريڊ اعجاز ٻگهيو پڻ سرمائي دارانه نظام سان گڏ سوشلزم ۽ ملڪي صورتحال تي روشني وڌي سوالن جا جواب پڻ ڏنا. آخر ۾ محنت ڪش خاڪروب يونين ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف يونين جي اڳوان ڪامريڊ شبيرشيخ آيل مهمانن کي ورلڊ اف ٿئنڪس چئي پروگرام جو اختتام ڪيو

بقايا | سنڌيار | 31

ش. عبدالقيوم جتوئي ۽ ٻين چيو ته اسان جو واسطو ڳوٺ پيرشير. وڏا مهر. ننڍا مهر. ۽ وڏا ڦل ۽ ننڍا ڦل. دودو سنهڙي. باجهي خان جتوئي. الهندو ميربحر. مسواڻي جتوئي ۽ ٻين ڳوٺن سان آهي اسين سڀ آبادگار دادو ڪئينال مان نڪرندڙ پيرشير ريگيوليٽر. ڦل مائنر ۽ گهاڙي مائنر مان پنهنجي زرعي زمينون آباد ڪندا آهيون هن وقت اسان ڪڻڪ جو فصل پوکيو آهي پر آبپاشي کاتي پاران اسان کي پاڻي نٿو ڏنو وڃي جنهن ڪري پيرشير ريگيوليٽر. ڦل مائنر. گهاڙي مائنر سميت ٻين شاخن ۾ واهن ۾ پاڻي ناهي پهتو جنهن ڪري اسين آبادگارن سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهيون ان اسان آبپاشي کاتي جي عملدارن سان ڪيترائي ڀيرا ملاقاتون ڪري پاڻي ڪوٽ جي شڪايتون ڪيون ان باوجود پاڻي جي ڪوٽ برقرار آهي ان سان اسان جون زرعي زمينون بنجر ٿيڻ جو خدشو آهي اسين سڀ آبادگار معاشي بدحالي جو شڪار ٿي ويندا سين ان لاءِ اسان جي سنڌ جي نگران وزيراعلىٰ آبپاشي کاتي جي صوبائي وزير ۽ وس وارن کي اپيل آهي ته فوري طور پاڻي مهيا ڪري ڏنو وڃي جيئن اسان جي پوکيل فصل کي پاڻي وقت سر ملي سگهي. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا | سنڌيار | 32

سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا جڏهن ته تلهار جي بهترين آواز استاد رمضان انصاري کي اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي جي ٽيم طرفان اجرڪ جو تحفو ۽ بهترين آواز جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو ان کان علاوه تلهار شهر جو ٽيلنٽ بهترين آواز مهيش ڪمار کي پڻ سنڌ ميوزيم حيدرآباد مان پوزيشن حاصل ڪئي جنهن کي پڻ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي تلهار طرفان سرٽيفڪيٽ سان نوازيو ويو پروگرام ۾ آيل استادن ۽ مهمانن پڻ تعليم بابت پنهنجا ويچار ونڊيا ويا جنهن ۾ سائين ناصر بلوچ.سائين شبير ملاح.سائين عطاء الله شاه.سائين عبدالقيوم ميمڻ.سائين جاويد خاصخيلي.سائين منير احمد ٽيبو.سائين سنتوش ربباري.سائين امجد پناڻ.سائين اسدالله آريسر. اي ايس آئي وسيم لغاري سائين مصطفي ڪنيار سائين عابد جتوئي سائين افتخار جمالي سائين وحيد جمالي سائين حنيف جمالي سماجي ورڪر مجيد ميراڻي مصطفي گاڏائي ۽ پروگرام جي اسپانسر ميرفيصل ٽالپر .مجيد ميراڻي ۽ ٻين مهمانن جو چوڻ هو ته اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي تلهار جا ميمبر شهر ۾ تعليمي علمي ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ اڳتي آيا آهن ۽ هن قسم جا پروگرام منعقد ڪرائي رهيا آهن جيڪا اسان تلهار واسين لاءِ فخر جي ڳالهه آهي اهڙن پروگرامن ذريعي تلهار جي شاگردن جي ٽيلنٽ کي اجاگر ڪيو ويندو جڏهن ته پروگرام ۾ تعليمي علمي ادبي سياسي سماجي ۽ صحافين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي تلهار جي اڳواڻن فيضان شفيق جمالي ۽ روي ڪمار چارڻ ۽ ٻين تنظيم جي ميمبرن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هن پروگرام جو مقصد شهر ۾ تعليمي علمي ماحول پيدا ڪرڻ آهي ٽلينٽڊ شاگردن جي همت افزائي سان گڏوگڏ شاگردن کي تعليم طرف متوجه ڪرڻ آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان جو هن پروگرام ۾ سياسي سماجي ماڻهن کي دعوت ڏيڻ جو مقصد اهو آهي ته جيئن اهي هنن تعليمي پروگرامن کي هٿي وٺرائڻ هنن پروگرامن تي وڌ کان وڌ خرچ ڪن ته ڪه شاگرد فائدو حاصل ڪري اڳتي وڌن ان کان علاوه اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي طرفان سمورن ميمبرن همت افزائي لاءِ انهن کي استادن جي هٿان سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا آخر ۾ موسيقي جو سيشن به رکيو ويو جنهن ۾ تلهار جي ناليوارن موسيقيارن پنهنجي فن سان نوجوانن کي جهومايو جنهن ۾ استاد رمضان انصاري مهيش ڪمار ارسلان جتوئي زبير انصاري پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com